القرآن الكريم

باماحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا وَيَعْلَمُ

۽ ناهي کوئي چرڻ پرڻ وارو ڌرتيءَ ۾ مگر الله تي آهي روزي ان جي ۽ ڄاڻي ٿو اهو

۽ ڪو چرندڙ زمين ۾ آهي ٿي نه پر سندس روزي الله تي آهي ۽ سندس رهڻ جو

مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦﴾ وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ

ان جي رهڻ جي جڳهه ۽ جتي سانڍيل آهي، سڀ آهن لوح محفوظ ۾. ۽ اِهو آهي جنهن پيدا ڪيو

هنڌ ۽ سندس سانپ جي جاءِ (الله) ڄاڻندو آهي، سڀ پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) آهي. ۽ اهو (الله) آهي جنهن

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّكَانَ عَرْشُهٗ عَلَى الْمَآءِ

آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ ۽ هئو تخت ان جو پاڻيءَ تي

آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو ۽ سندس عرش پاڻيءَ تي هو (اِهو بڻائڻ هن ڪري آهي)

لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ وَلَئِنْ قُلْتَ اِنَّكُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ

جيئن آزمائي توهان کي ته ڪهڙو آهي توهان مان وڌيڪ سٺو عمل ۾، ۽ جيڪڏهن تون چوندين ته توهان اٿاريا ويندؤ

ته اوهان کي پرکي ته اوهان مان عملن جي اعتبار کان وڌيڪ ڀلو ڪير آهي، ۽ جيڪڏهن انهن کي چوين ته مرڻ کان پوءِ

مِنْۢ بَعْدِ الْمَوْتِ لَيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧﴾

مرڻ کان پوءِ ته ضرور چوندا اهي جن ڪفر ڪيو ته ناهي هيءُ مگر جادو پڌرو.

اوهين جياريا ويندؤ ته ڪافر ضرور چوندا آهن ته هيءُ ته پڌرو جادو آهي.

وَلَئِنْ اَخَّرْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِلٰٓى اُمَّةٍ مَّعْدُوْدَةٍ لَّيَقُوْلُنَّ مَا

۽ جيڪڏهن پوئتي ڪنداسون انهن کان عذاب ڪنهن وقت مقرر تائين ته ضرور چوندا ڪنهن

۽ جيڪڏهن ڪنهن مقرر ڪيل مدت تائين ڪانئن عذاب ڪٽي هٽايون ته ضرور چوندا ته ان کي ڪنهن

يَحْبِسُهٗ ؕ اَلَا يَوْمَ يَاْتِيْهِمْ لَيْسَ مَصْرُوْفًا عَنْهُمْ وَحَاقَ بِهِمْ

جهليو آهي ان کي، خبردار! جنهن ڏينهن ايندو انهن وٽ نه هوندو هٽايل انهن کان ۽ ڪڙڪي پوندو انهن تي

جهليو آهي؟ خبردار! جنهن ڏينهن (اهو عذاب) وٽن ايندو (تنهن ڏينهن) ڪانئن ٽرڻو نه آهي ۽ جنهن (شيءِ) سان

مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٨﴾ وَلَئِنْ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ

اهو جنهن تي ٺوڪون ڪندا هئا. ۽ جيڪڏهن چکايون ٿا ماڻهوءَ کي پنهنجي طرفان رحمت پوءِ

ٺٺوليون ڪندا هئا سا کين وڪوڙي ويندي. ۽ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي پاڻ وٽان ڪا ٻاجهه چکايون ٿا ۽ وري

نَزَعْنٰهَا مِنْهُ ۚ اِنَّهٗ لَيَئُوْسٌ كَفُوْرٌ ﴿٩﴾ وَلَئِنْ اَذَقْنٰهُ نَعْمَآءَ بَعْدَ ضَرَّآءَ

ڦاڪسيون ٿا انهيءَ کان، ته اهو نااميد ناشاڪر ٿئي ٿو. ۽ جيڪڏهن چکايون ٿا ان کي سک ڏک پڄاڻا

اُها ڪانئس کسيون ٿا، ته اهو نااميد بيشڪر (بڻجندو) آهي. ۽ جيڪڏهن ان کي ڏک پهچڻ کان پوءِ سک پهچايون

ع

مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ ذَهَبَ السَّيِّاٰتُ عَنِّيْ ؕ اِنَّهٗ لَفَرِحٌ فَخُوْرٌ ۙ﴿۱۰﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ

جوکيس پهتو هو تہ ضرور چوندو ويئون مصيبتون مون کان، اهو ڦُونڊو آکڙ کندڙ ٿئي ٿو. مگر اهي جن

تہ ضرور چوندو تہ مون کان ڏک ويا! اهو پڪ سرهو وڏائي کندڙ ٿيندو آهي. پر جن

صَبَرُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿۱۱﴾

صبر کيو ۽ کياٿون چڱا کم، اهي ئي آهن جن لاءِ آهي بخشش ۽ ثواب وڏو.

صبر کيو ۽ چڱا کم کيا، تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.

فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰۤى اِلَيْكَ وَضَآئِقٌۢ بِهٖ صَدْرُكَ اَنْ

پوءِ متان تون ڇڏين ڪجهه انهيءَ مان جو وحي ڪجي ٿو توڏانهن ۽ تنگ ٿئي ان سان تنهنجي دل جو

پوءِ (اي پيغمبرا) جيڪي تو ڏانهن وحي ڪجي ٿو تنهن مان متان ڪجهه ڇڏي ڏئين ۽ (پڻ) متان دل تنگ ڪرين

يَّقُوْلُوْا لَوْلَاۤ اُنْزِلَ عَلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ جَآءَ مَعَهٗ مَلَكٌ ؕ اِنَّمَاۤ اَنْتَ نَذِيْرٌ ؕ

اهي چون ٿا ڇو نہ لاٿو ويو مٿس ڪوخزانو يا (ڇونہ) آيو ان سان گڏ ملڪ، رڳو تون ڊيڄاريندڙ آهين،

ڪافرن جي هن چوڻ ڪري تہ مٿس خزانو ڇو نہ لاٿو ويو؟ يا ملائڪ ساڻس ڇو نہ آيو؟ (نہ ڇڏ ۽ نہ دل تنگ ڪر)، ڇو تہ تون ڊيڄاريندڙ

وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿۱۲﴾ ؕ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا

۽ الله هرشيءِ جو سنڀاليندڙ آهي. يا چَوَن ٿا تہ اهو پاڻ ٺاهيو اٿائين، چؤ پوءِ توهان آڻيو

ئي آهين. ۽ الله هر شيءِ جو سنڀاليندڙ آهي. بلڪ (ائين بہ) چون ٿا تہ اهو (قرآن) پاڻ ٺاهيو اٿس، چئو تہ

بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهٖ مُفْتَرَيٰتٍ وَّادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

ڏهہ سورتون ان جهڙيون ٺاهيل ۽ سڏيو جنهن کي سڏي سگهو الله کان سواءِ

جيڪڏهن سچا آهيو تہ (اوهين بہ) اُن جهڙيون ڏهہ سورتون پاڻون ٺاهيل آڻيو ۽ الله کان سواءِ (ٻين) جن کي

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۳﴾ فَاِلَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ فَاعْلَمُوْۤا اَنَّمَاۤ

جيڪڏهن آهيو سچا. پوءِ جيڪڏهن نہ ڏنائون جواب اوهان کي پوءِ ڄاڻو تہ رڳو

سڏي سگهو تن کي سڏيو. پوءِ جيڪڏهن اوهان جو (اِهو چوڻ) قبول نہ ڪن تہ ڄاڻو تہ (اهو قرآن) رڳو

اُنْزِلَ بِعِلْمِ اللّٰهِ وَاَنْ لَّاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۴﴾

اهو لاٿو ويو آهي الله جي وحي سان ۽ ڄاڻو تہ ناهي ڪوئي حاڪم انهيءَ کان سواءِ، پوءِ ڇا اوهين مڃيندڙ آهيو؟

الله جي علم سان لاٿو ويو آهي ۽ (ڄاڻو) تہ ان کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، پوءِ اوهين اسلام تي (محڪم) ڇو نہ رهندَو؟

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ

جيڪو ارادو ڪندو دنيا جي حياتيءَ جو ۽ ان جي زينت جو بدلو ڏينداسون انهن کي سندن عملن جو

جيڪي دنيا جي حياتيءَ ۽ سندن سينگار گهرندا هجن تن کي دنيا ۾ (ئي) سندن عملن جو اجورو پورو ڏينداسون

فِيْهَا وَهُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَيْسَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ
دنيا ۾ ۽ اهي ان ۾ نقصان نہ ڏنا ويندا. اهي ئي آهن ناهي جن لاءِ آخرت ۾
۽ انهن کي ان ۾ گهٽ نہ ڏبو. اِهي اهي آهن جن لاءِ آخرت ۾ باه کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) نہ آهي.

اِلَّا النَّارُ ۖ وَحَبِطَ مَا صَنَعُوْا فِيْهَا وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾
مگر باه ۽ بيڪار ٿيو جيڪي ڪمايائون دنيا ۾ ۽ اجايو ٿيو جيڪي ڪندا هئا.
۽ جيڪي دنيا ۾ ڪيائون سو چٽ ٿيو ۽ جيڪي ڪمائيندا هئا سو باطل ٿيو.

اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ وَيَتْلُوْهُ شَاهِدٌ مِّنْهُ وَ
ڇا پوءِ جيڪو ماڻهو آهي ثابتي تي طرفان پنهنجي رب جي ۽ ان جي پويان آيو شاهد الله جو ۽
(اهو ماڻهو گمراهن جهڙو نہ آهي) جيڪو پنهنجي پالڻهار (جي طرف) کان پڌريءَ حجت تي هجي ۽ الله کان اُن لاءِ شاهد (يعني قرآن)

مِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّرَحْمَةً ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَ
ان کان اڳ آهي ڪتاب موسيٰ جو رهبر ۽ رحمت، اهي ئي ايمان ٿا آڻين انهيءَ تي، ۽
ايندو هجي ۽ اُن (قرآن) کان اڳ موسيٰ جو ڪتاب (توريت) رهبر ۽ رحمت (بہ گواهہ) هجي. اِهي (ماڻهو) اُن (قرآن) تي ايمان آڻين ٿا. ۽

مَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ مِنَ الْاَحْزَابِ فَالنَّارُ مَوْعِدُهٗ ۚ فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ
جيڪو ڪفر ڪندو ان جو سيني فرقن مان پوءِ باه ان جو انجام آهي، پوءِ نہ هُجُ شڪ ۾
(پوءِ انهن جي سيني) ٽولين مان جيڪو اُن (قرآن) جو انڪار ڪندو تنهن جي رهڻ جو هنڌ باه آهي. تنهن ڪري (تون)

مِّنْهُ ۚ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٧﴾
انهيءَ کان. بيشڪ اهو حق آهي تنهنجي پالڻهار طرفان پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ويساهہ رکن.
ڪنهن شڪ ۾ نہ هج. اهو تنهنجي پالڻهار جي پار کان حق (لڳو) آهي پر گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ؕ اُولٰٓئِكَ يُعْرَضُوْنَ
۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان جيڪو ٺاهي ٿو الله تي ڪوڙ، اهي پيش ڪيا ويندا
۽ جيڪو الله تي ڪوڙو ناهہ ٺاهي تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ اِهي پنهنجي پالڻهار جي آڏو ڪيا ويندا

عَلٰى رَبِّهِمْ وَيَقُوْلُ الْاَشْهَادُ هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ۚ
پنهنجي رب وٽ ۽ چوندا شاهد تہ هي اهي آهن جن ڪوڙ هنيو پنهنجي رب تي،
۽ شاهد چوندا تہ اِهي اهي آهن جن پنهنجي پالڻهار تي ڪوڙ چيو.

اَلَا لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٨﴾ الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
خبردار! الله جي لعنت ظالمن تي آهي. جيڪي روڪين ٿا الله جي رستي کان
خبردار! (انهن) ظالمن تي الله جي لعنت آهي، جيڪي الله جي واٽ کان جهليندا آهن

وَ يَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۭ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ⑲ اُولٰٓئِكَ لَمْ
۽ گهُرن ٿا ان ۾ موڙ، ۽ اهي ئي آخرت جو انڪار ڪندڙ آهن. اهي ماڻهو نه
۽ ان جي ڏنگائي گهرندا آهن، ۽ اهي ئي آخرت کي نه مڃيندا آهن. اهي
يَكُوْنُوْا مُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ
هئا عاجز ڪندڙ ڌرتيءَ ۾ ۽ نه هئا انهن لاءِ سواءِ الله جي ڪي
ملڪ ۾ ڪڏهن عاجز ڪرڻ وارا نه آهن ۽ الله کان سواءِ (ٻيا ڪي) انهن جا مددگار نه آهن.
اَوْلِيَآءَ ۘ يُضٰعَفُ لَهُمُ الْعَذَابُ ۭ مَا كَانُوْا يَسْتَطِيْعُوْنَ السَّمْعَ وَ
دوست، ٻيڻو ڪيو ويندو انهن لاءِ عذاب، نه هئا سگهه رکندا ٻڌڻ جي ۽
انهن کي ٻٽو عذاب ڪيو ويندو، جو ٻڌي نه ٿي سگهيا ۽ نه
مَا كَانُوْا يُبْصِرُوْنَ ⑳ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ
نڪي ڏسندا هئا. اهي آهن جن زيان ڪيو پنهنجو ۽ گُم ٿيو
ٿي ڏٺائون. اِهي اهي آهن جن پاڻ کي نقصان لاتو ۽
عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ㉑ لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ
انهن کان جو ٺاهه ٺاهيندا هئا. پڪ بلاشڪ آخرت ۾ اهي آهن
جيڪو ٺاهه ٺاهيندا هئا سو کائنن پلجي ويو. بيشڪ اِهي (ماڻهو) ضرور آخرت ۾
الْاَخْسَرُوْنَ ㉒ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا
وڌيڪ نقصان وارا. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا ۽ نميا
خساري وارا آهن. پڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن نِويا
اِلٰى رَبِّهِمْ ۙ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ㉓ مَثَلُ
پنهنجي رب ڏانهن، اهي آهن جنت وارا، اهي ئي اتي هميشه رهندا. مثال
سي بهشتي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. انهن ٻن ٽولين جو مثال
الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَالْاَصَمِّ وَالْبَصِيْرِ وَالسَّمِيْعِ ۭ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ
ٻن ٽولن جو جهڙو انڌو ۽ ٻوڙو ۽ ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ، ڇا اهي ٻئي هڪجهڙا آهن
انڌي ۽ ٻوڙي ۽ ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ وانگر آهي، (اِهي) مثال ۾ برابر آهن ڇا؟
مَثَلًا ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ㉔ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ ۡ اِنِّيْ لَكُمْ
حال ۾، ڇا پوءِ نه ٿا ڌيان ڪريو. ۽ اسان موڪليو نوح کي سندس قوم ڏانهن چيائين آءٌ اوهان لاءِ
پوءِ ڇو نه ٿا نصيحت وٺو؟ ۽ بيشڪ اسان نوح کي سندس قومَ ڏانهن موڪليو (ان چيو ته) آءٌ اوهان لاءِ

وقف لازم

ع ٢

نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢٥﴾ اَنْ لَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ

ڊيڄاريندڙ پڌرو آهيان. تہ نہ عبادت ڪريو مگر الله جي. بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي عذاب

پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان. تہ الله کان سواءِ (اوهين ٻئي جي) عبادت نہ ڪريو بيشڪ آءٌ اوهان تي ڏکوئيندڙ ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان

يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٦﴾ فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا

دردناڪ ڏينهن جي کان. پوءِ چيو سردارن جن ڪفر ڪيو هو ان جي قوم مان تہ نہ ٿا ڏسون توکي مگر

ڊڄان ٿو. پوءِ سندن قوم مان ڪافر ٽوليءَ چيو تہ توکي پاڻ جهڙي ماڻهو کان سواءِ (ٻيو) نہ ٿا ڏسون

بَشَرًا مِّثْلَنَا وَمَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِيَ

ماڻهو پاڻ جهڙو ۽ نہ ٿا ڏسون توکي جو تابع هجن تنهنجا مگر جيڪي اهي خسيس آهن اسان ۾ ظاهر

۽ اسان مان مٿاڇري سوچ وارن خسيسن کان سواءِ (ٻيو) ڪو تنهنجو تابعدار نہ ٿا ڏسون.

الرَّاْيِ ۚ وَمَا نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍۢ بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾

ظهور. ۽ نہ ٿا ڏسون توهان لاءِ پاڻ تي ڪا فضيلت پر ڀانيون ٿا توهان کي ڪوڙا.

۽ پاڻ تي اوهان جي ڪا فضيلت نہ ٿا ڏسون بلڪ اوهان کي ڪوڙو ڀانئيندا آهيون.

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ

چيائين اي قوم ٻڌايو تہ سهي جيڪڏهن آءٌ هجان ثابتي تي پنهنجي رب طرفان ۽ ڏنائين مونکي

(نوح) چيو تہ، اي منهنجي قوم! (مون کي) ڏسيو تہ سهي تہ جيڪڏهن (آءٌ) پنهنجي پالڻهار جي پڪيءَ حجت تي هجان ۽ پاڻ وٽان مون کي

رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِهٖ فَعُمِّيَتْ عَلَيْكُمْ ؕ اَنُلْزِمُكُمُوْهَا وَاَنْتُمْ لَهَا

رحمت پاڻ وٽان پوءِ اها ڳجهي رهي توهان تي ڇا اسان چنبڙايون اوهان کي اها ۽ هجو توهان ان کي

رحمت ڏني هجيس (جنهن جي حقيقت) اوهان کان لڪائي وئي هجي، تہ اُن (جي مڃڻ) جو هن هوندي اوهان کي چو زور ڪريون جو اوهين اُن کي

كٰرِهُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَيٰقَوْمِ لَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مَالًا ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا

ناپسند ڪندڙ. ۽ اي قوم آءٌ نہ ٿو گهران توهان کان ان تي ڪو مال، ناهي اجورو منهنجو مگر

ناپسند ڪندڙ هجو؟ ۽ اي منهنجي قوم! (آءٌ) اوهان کان ان بابت ڪو مال (املاڪ) نہ ٿو گهران، منهنجو اجورو الله کان

عَلَى اللّٰهِ وَمَآ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَلٰكِنِّيْٓ

الله تي ۽ نہ آهيان آءٌ تڙيندڙ انهن کي جن ايمان آندو، بيشڪ اهي ملاقات ڪندڙ آهن پنهنجي رب سان پر آءٌ

سواءِ ٻئي ڪي نہ آهي ۽ آءٌ مؤمنن کي تڙڻ وارو نہ آهيان، چو تہ اهي پنهنجي پالڻهار کي ملڻ وارا آهن پر (آءٌ)

اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٩﴾ وَيٰقَوْمِ مَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ

ڏسان ٿو اوهان کي قوم نادان. ۽ اي قوم ڪير ڇڏائيندو مونکي الله کان جيڪڏهن

اوهان کي جاهل قوم ڏسان ٿو. ۽ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن کين تڙيندس تہ مون کي الله کان ڪير ڇڏائيندو؟

طَرَدْتُّهُمْ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِىْ خَزَآئِنُ

تڙي ڪيان انهن کي، چا پوءِ توهان نہ ٿا سمجهو. ۽ نہ توچوان آءٌ توهان کي تہ مون وٽ آهن خزانا

پوءِ بہ سمجهندا نہ آهيو؟ ۽ آءٌ اوهان کي نہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن

اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ اِنِّىْ مَلَكٌ وَّلَآ اَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ

الله جا ۽ نہ ڪي آءٌ ڄاڻان ٿو ڳجهہ کي ۽ نہ توچوان تہ آءٌ ڪو ملڪ آهيان ۽ نہ چوندس انهن لاءِ جن کي

۽ نہ ڪي (ڪو) ڳجهہ ڄاڻندو آهيان ۽ نہ ڪي چوان ٿو تہ آءٌ ملائڪ آهيان. ۽ جن کي اوهان جون اکيون حقير سمجهن

تَزْدَرِىْٓ اَعْيُنُكُمْ لَنْ يُّؤْتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيْرًا ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا فِىْٓ

گهٽ ڪري ڏسن ٿيون اکيون اوهان جون تہ نہ ڏيندو انهن کي الله ڪا چڱائي، الله بهتر ڄاڻي ٿو جيڪي انهن جي

ٿيون تن لاءِ نہ ٿو چوان تہ الله کين ڪا ڀلائي ڪڏهن نہ ڏيندو، جيڪي سندن دلين ۾ آهي سو الله بهتر ڄاڻندڙ آهي،

اَنْفُسِهِمْ ۚ اِنِّىْٓ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْا يٰنُوْحُ قَدْ جٰدَلْتَنَا

اندر ۾ آهي، آءٌ تہ ان وقت ظالمن مان ٿيندس. چيائون اي نوح! تو جهڳڙو ڪيو آهي اسان سان

(جي چوندس) تہ آءٌ انهي مهل ظالمن مان ٿيندس. چيائون تہ اي نوح! بيشڪ تو اسان سان جهڳڙو ڪيو

فَاَكْثَرْتَ جِدَالَنَا فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٣٢﴾

پوءِ گهڻو ڪيئي جهڳڙو ڪيئي پوءِ آڻ اسان وٽ اهو جو وعدو ڪندو آهين اسان سان جيڪڏهن تون سچو آهين.

پوءِ اسان سان گهڻو ئي جهيڙو ڪيئہ سو جيڪڏهن سچن مان آهين تہ اسان سان جيڪو انجام ڪرين ٿو سو اسان وٽ آڻ!.

قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٣٣﴾ وَ

چيائين رڳو آڻيندو توهان وٽ ان کي الله جي گهري ۽ ناهيو اوهين عاجز ڪندڙ. ۽

(نوح) چيو تہ، اهو اوهان وٽ رڳو الله آڻيندو جيڪڏهن ان گهريو تہ. ۽ اوهين (ڀڄي) عاجز ڪرڻ وارا نہ آهيو.۽

لَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِىْٓ اِنْ اَرَدْتُّ اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ

نہ فائدو ڏيندي توهان کي منهنجي نصيحت جي آءٌ چاهيان نصيحت ڪرڻ توهان کي جيڪڏهن الله

جيڪڏهن آءٌ اوهان کي نصيحت ڏيڻ گهران (پر) جيڪڏهن الله اوهان جو ڀلائڻ گهرندو تہ منهنجي نصيحت

يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ ؕ هُوَ رَبُّكُمْ ۟ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٤﴾ ؕ اَمْ يَقُوْلُوْنَ

گهري ٿو توهان کي گمراهہ ڪرڻ، اهو توهانجو رب آهي، ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ. يا چون ٿا

اوهان کي ڪو فائدو نہ ڏيندي، اهو اوهان جو پالڻهار آهي، ۽ ڏانهس موٽايا ويندؤ. بلڪ (هيئن بہ) چوندا آهن تہ (هن پيغمبر) اهو پاڻون

افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَعَلَىَّ اِجْرَامِىْ وَاَنَا بَرِىْٓءٌ مِّمَّا

تہ پاڻ ناهي آيو آهي، تون چؤ جيڪڏهن اهو ناهي آيو آهيان تہ پوءِ مون تي آهي گناهہ منهنجو ۽ آءٌ بيزار آهيان ان کان

ناهيو آهي، چئو تہ جيڪڏهن مون ان کي پاڻ ناهيو آهي تہ منهنجو ڏوهہ مون تي آهي ۽ جيڪي اوهين ڏوهہ ڪندا آهيو تنهن کان آءٌ بيزار آهيان.

تُجْرِمُوْنَ ﴿۳۵﴾ ع وَاُوْحِيَ اِلٰى نُوْحٍ اَنَّهٗ لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ

جيڪي گناهه ڪريو ٿا. ۽ وحي ڪيو ويو نوح ڏانهن تہ نہ ايمان آڻيندا تنهنجي قوم مان

۽ نوح ڏانهن وحي ڪيو ويو تہ جنهن ايمان آندو آهي تنهن کان سواءِ تنهنجي قوم مان ٻيو ڪو بہ ڪڏهن

اِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿۳٦﴾ وَاصْنَعِ

مگر جن ايمان آندو آهي پوءِ ڳڻتي نہ ڪر ان تي جيڪي اهي ڪن ٿا. ۽ تون ٺاهہ

ايمان نہ آڻيندو تنهن ڪري جيڪي ڪندا آهن تنهن تي تون رنج نہ ٿيءُ. ۽

الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا

ٻيڙي اسانجي نگاهہ ۾ ۽ اسان جي حڪم سان ۽ نہ ڳالهائجانءِ مون سان ظالمن جي لاءِ.

اسان جي روبرو ۽ اسان جي حڪم سان ٻيڙي جوڙ ۽ ظالمن بابت مون کي نہ چئج.جو تہ اهي

اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَيَصْنَعُ الْفُلْكَ قف وَكُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَاٌ مِّنْ

بيشڪ اهي ٻوڙيا ويندا. ۽ اهو ٺاهڻ لڳو ٻيڙي، ۽ جڏهن بہ لنگهن پيا ان تي سردار سندس

ٻوڙيا ويندا. ۽ ٻيڙي ٺاهڻ لڳو ۽ جڏهن بہ سندس قوم مان ڪا ٽولي وٽانئس لنگهي ٿي (تڏهن) مٿس ٺٺوليون ڪيائون

قَوْمِهٖ سَخِرُوْا مِنْهُ ط قَالَ اِنْ تَسْخَرُوْا مِنَّا فَاِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ

قوم جا تہ ٺٺوليون پيا ڪن ان تي، چيائين جيڪڏهن ٺٺوليون ٿا ڪيو اسان تي تہ اسان بہ ٺٺوليون ڪنداسون توهان تي

ٿي. نوح ٿي چيو تہ جيڪڏهن اوهين اسان تي ٺٺوليون ڪريو ٿا تہ اسين (بہ) اهڙيون ٺٺوليون اوهان تي ڪنداسون

كَمَا تَسْخَرُوْنَ ﴿۳۸﴾ ط فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ لا مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ

جئن توهان ٺٺوليون ٿا ڪريو. پوءِ اجهو ڄاڻندؤ تہ ڪنهن تي اچي ٿو عذاب جو خوار ڪري انکي

جهڙيون ٺٺوليون (اوهين) ڪريو ٿا. پوءِ جنهن کي عذاب پهچندو تنهن کي سگهوئي ڄاڻندؤ جو (اهو) ان کي خوار ڪندو

وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۳۹﴾ حَتّٰى اِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ

۽ نازل ٿئي ٿو ان تي عذاب دائمي. نيٺ جڏهن آيو حڪم اسان جو ۽ اٻريو

۽ مٿس سدائين عذاب (پيو) لهندو. (انهيءَ ڪم ۾ هو) تان جو جڏهن اسان جو حڪم آيو ۽ تنور اٻاميو

التَّنُّوْرُ لا قُلْنَا احْمِلْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَاَهْلَكَ

تنور چيوسون کڻ ان ۾ هر جنس مان نر ماد ٻہ عدد ۽ پنهنجا گهر وارا

چيوسون تہ سڀ ڪنهن جنس (جي جانورن) مان ٻہ ٻہ (نر ۽ مادي) ۽ جن بابت حڪم ٿي چڪو آهي (تہ هلاڪ

اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ وَمَنْ اٰمَنَ ط وَمَآ اٰمَنَ مَعَهٗٓ

مگر اهي جن تي طيءِ ٿيو عذاب ۽ (کڻ) جن ايمان آندو، ۽ نہ ايمان آندو هو ان سان

ڪبا) تن ڌاران (ٻيا) پنهنجي گهر وارا ۽ جن ايمان آندو سي منجهس چاڙهہ، ۽ ٿورن کان سواءِ مٿس ايمان نہ آندو هئائون.

اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿۴۰﴾ وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيْهَا بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا ؕ
مگر ٿورن. ۽ چيائين چڙهو انهيءَ ۾، الله جي نالي سان آهي هلڻ ان جو ۽ بيهڻ ان جو.
۽ (نوح) چيو ته منجهس چڙهو. الله جي نالي سان سندس هلڻ ۽ سندس بيهڻ آهي.

اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۴۱﴾ وَهِيَ تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ قف
بيشڪ منهنجو رب بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ اها ڪٽي هلي انهن کي لهرن ۾ جهڙا جبل
ڇو ته منهنجو پالڻهار ضرور بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ اها جبلن جهڙين لهرين ۾ کين (ڪٽي) هلڻ لڳي.

وَنَادٰى نُوْحُ ِۨ ابْنَهٗ وَكَانَ فِيْ مَعْزِلٍ يّٰبُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا
۽ سڏيو نوح پنهنجي پٽ کي ۽ اهو هئو پاسيرو اي پٽڙا! چڙهه اسان سان
۽ نوح پنهنجي پٽ کي سڏيو ۽ اهو ڪناري تي هو ته، اي منهنجا پٽ! اسان سان چڙهه

وَلَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۴۲﴾ قَالَ سَاٰوِيْٓ اِلٰى جَبَلٍ يَّعْصِمُنِيْ
۽ نه هُج ڪافرن سان گڏ. چيائين اجهو آءٌ رهندس ڪنهن جبل تي جو بچائيندو مونکي
۽ ڪافرن سان گڏنه ٿيءُ. چيائين ته (اهڙي) جبل تي پناه وٺندس جو مون کي پاڻيءَ کان بچائيندو.

مِنَ الْمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ ج
پاڻي کان، چيائين ناهي ڪوئي بچائيندڙ اڄ الله جي حڪم کان مگر جنهن تي رحم ڪري،
(نوح) چيو ته اڄ الله جي عذاب کان ڪو بچائيندڙ ڪونهي پر جنهن تي (پاڻ) رحم ڪري (سو بچي سگهندو.)

وَحَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِيْنَ ﴿۴۳﴾ وَقِيْلَ يٰٓاَرْضُ
۽ اچي وئي انهن ٻنهي جي وچ ۾ لهر پوءِ ٿي ويو ٻڏي ويلن مان. ۽ چيو ويو اي زمين
ايتري ۾ ٻنهي جي وچ ۾ لهر اچي پيئي ۽ (اهو) ٻڏلن مان ٿيو. ۽ فرمايو ويو ته اي زمين!

ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ الْمَآءُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ
گهي وڃ پاڻي پنهنجو ۽ اي آسمان بند ٿيءُ ۽ سڪي ويو پاڻي ۽ پورو ٿيو ڪم
(تون) پنهنجو پاڻي ڇُهي وڃ ۽ اي آسمان! (تون پنهنجو پاڻي) بند ڪر ۽ پاڻي سڪايو ويو ۽ ڪم پورو

وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَقِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۴﴾ وَ
۽ بيٺي ٻيڙي جوديءَ جبل تي ۽ چيو ويو تباهي هجي ماڻهن ظالمن لاءِ. ۽
ڪيو ويو ۽ (ٻيڙي جبل) جوديءَ تي بيٺي ۽ چيو ويو ته (ڌِڪار) ظالمن جي قوم ناس ٿئي! ۽

نَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ وَاِنَّ وَعْدَكَ
سڏيو نوح پنهنجي رب کي پوءِ چيائين اي رب! منهنجو پٽ ته منهنجي گهر وارن مان آهي ۽ بيشڪ وعدو تنهنجو
نوح پنهنجي پالڻهار کي سڏيو ۽ چيائين اي منهنجا پالڻهارا منهنجو پٽ (به) منهنجي گهر وارن مان آهي. ۽

ع

الْحَقُّ وَاَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٤٥﴾ قَالَ يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ

سچو آهي ۽ تون ئي وڏو حاڪم آهين. فرمايائين اي نوح! بلڪل اهو ناهي تنهنجي گهراڻي مان.

بيشڪ تنهنجو انجام بلڪل سچو آهي ۽ تون حاڪمن جو حاڪم آهين. (الله) فرمايو ته اي نوح! اهو تنهنجي گهر وارن مان نه آهي.

اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ ۖ فَلَا تَسْـَٔلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ

بيشڪ اهو بد عمل آهي. پوءِ نه گهر مون کان اهو ناهي جنهن جي توکي خبر.

ڇو ته اهو اڻ سڌريل ڪمن وارو آهي. تنهن ڪري جنهن جي توکي ڪا خبر نه آهي تنهن بابت مون کان (ڪجهه) نه گهر.

اِنِّيْۤ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٤٦﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْۤ اَعُوْذُ بِكَ

آءٌ نصيحت ڪريان ٿو توکي متان ٿئين تون . جاهلن مان. چيائين منهنجا رب! آءٌ پناهه وٺان ٿو تنهنجي

آءٌ توکي نصيحت ڪريان ٿو ته متان جاهلن مان ٿئين. (نوح) چيو ته. اي منهنجا پالڻهار! جنهن (ڳالهه جي

اَنْ اَسْـَٔلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَاِلَّا تَغْفِرْ لِيْ وَتَرْحَمْنِيْۤ اَكُنْ

جو گهران توکان اهو جنهن جي ناهي مونکي ڄاڻ ۽ جي نه معاف ڪندين مونکي ۽ نه رحم ڪندين مون تي ته ٿيندم

حقيقت) جي مون کي خبر نه آهي تنهن بابت توکان گهرڻ جي آءٌ تو وٽان پناهه گهران ٿو ۽ جي تون نه بخشيندين ۽ رحم نه ڪندين ته

مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٤٧﴾ قِيْلَ يٰنُوْحُ اهْبِطْ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَبَرَكٰتٍ عَلَيْكَ وَعَلٰۤى اُمَمٍ

نقصان وارن مان. چيو ويو اي نوح! لهه سلامتي سان اسان جي طرفان ۽ برڪتن سان جي توتي آهن ۽ انهن قومن تي

خساري وارن مان ٿيندس. چيو ويو ته اي نوح! اسان جي طرف کان سلامتيءَ ۽ برڪتن سان لهه جي توتي هجن ۽ انهن ٽولين تي (به) جيڪي

مِّمَّنْ مَّعَكَ ؕ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمْ ثُمَّ يَمَسُّهُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٤٨﴾ تِلْكَ

جيڪي گڏ آهن توسان، ۽ ڪي قومون آهن جن کي نفعو ڏينداسون پوءِ پهچندو انهن کي اسان کان عذاب دردناڪ. اهي آهن

تو ساڻ آهن. ۽ (ٻين ڪي) جماعتون هونديون جن کي (ڪجهه دنيوي) فائدو ڏينداسون وري انهن (مان ڪافرن) کي اسان وٽان ڏکوئيندڙ

مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهَاۤ اِلَيْكَ ۚ مَا كُنْتَ تَعْلَمُهَاۤ اَنْتَ وَلَا قَوْمُكَ

خبرون غيب جون موڪليون ٿا اهي توڏانهن، نه ڄاڻندو هئين تون انهن کي پاڻ ۽ نڪي تنهنجي قوم

عذاب پهچندو. اِهي (قصا) ڳجهين خبرن مان آهن جي تو ڏانهن وحي ڪريون ٿا. هن کان اڳ نڪي (ان کي تون) ڄاڻندو هئين ۽ نڪا تنهنجي

مِنْ قَبْلِ هٰذَا ۛؕ فَاصْبِرْ ۛؕ اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٩﴾ ع وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ

اڳ هن کان. پوءِ دلجاءِ ڪر. بيشڪ آخرت ڀلي آهي پرهيزگارن لاءِ. ۽ عاد ڏانهن موڪليوسين انهن جي ڀاءُ

قوم ڄاڻندي هئي. پوءِ صبر ڪر ڇو ته (يقينن) پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي. ۽ عاد وارن ڏانهن سندن ڀاءُ هود کي (موڪليوسون).

هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنْ اَنْتُمْ

هود کي، چيائين اي قوم! عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ڪوئي مالڪ انهيءَ کان سواءِ. توهان

چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان (الله) کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود نه آهي. اوهين رڳو

إِلَّا مُفْتَرُونَ ﴿٥٠﴾ يَٰقَوْمِ لَآ أَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا ۖ إِنْ أَجْرِىَ إِلَّا

رڳو كوڙ ٿا گھڙيو. اي منھنجي قوم نہ ٿو گھران توھان كان انھيءَ تي كا مزوري. ناھي منھنجي مزوري مگر

ناھ ناھيندڙ آھيو. اي منھنجي قوم! اوھان كان ھن (پيغام پھچائڻ تي) كو اجورو نہ ٿو گھران. منھنجو اجورو رڳو انھيءَ تي آھي

عَلَى ٱلَّذِى فَطَرَنِىٓ ۚ أَفَلَا تَعْقِلُونَ ﴿٥١﴾ وَيَٰقَوْمِ ٱسْتَغْفِرُوا۟ رَبَّكُمْ ثُمَّ

انھيءَ تي جنھن مونكي پيدا كيو آھي، ڇا پوءِ نہ ٿا سمجھو؟ ۽ اي منھنجي قوم! بخشايو پنھنجي رب كان پوءِ

جنھن مون كي پيدا كيو آھي، پوءِ اوھين ڇو نہ ٿا سمجھو؟ ۽ اي منھنجي قوم! پنھنجي پالڻھار كان بخشش گھرو وري

تُوبُوٓا۟ إِلَيْهِ يُرْسِلِ ٱلسَّمَآءَ عَلَيْكُم مِّدْرَارًا وَيَزِدْكُمْ قُوَّةً

موٽو انھيءَ ڏانھن تہ وسائي آسمان كان توھان تي وڏ ڦڙو. ۽ وڌائي توھان جي طاقت كي

سندس اڳيان توبھ كريو تہ اوھان تي لڳو لڳ وسندڙ ككر موكليندو ۽ اوھان جي طاقت مٿي طاقت وڌائيندو

إِلَىٰ قُوَّتِكُمْ وَلَا تَتَوَلَّوْا۟ مُجْرِمِينَ ﴿٥٢﴾ قَالُوا۟ يَٰهُودُ مَا جِئْتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَمَا

توھان جي طاقت تي ۽ نہ منھن ڦيريو ڏوھاري ٿي. چيائون اي ھود! تون نہ آندي آھي اسان وٽ كا ثابتي ۽ ناھيون

۽ اوھين ڏوھي ٿي منھن نہ ڦيريو. چيائون تہ اي ھودا اسان وٽ كوئي دليل نہ آندو اٿيئي ۽

نَحْنُ بِتَارِكِىٓ ءَالِهَتِنَا عَن قَوْلِكَ وَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِينَ ﴿٥٣﴾

اسين ڇڏيندڙ پنھنجن خدائن كي تنھنجي چوڻ تي ۽ نكي اسين توكي مڃيندڙ آھيون.

اسين تنھنجي چوڻ سان پنھنجن معبودن كي ڇڏڻ وارا نہ آھيون ۽ نكي اسين توكي مڃيندڙ آھيون.

إِن نَّقُولُ إِلَّا ٱعْتَرَىٰكَ بَعْضُ ءَالِهَتِنَا بِسُوٓءٍ ۗ قَالَ إِنِّىٓ أُشْهِدُ

رڳو چئون ٿا تہ پھچائي آھي توكي كن اسان جي خدائن برائي. چيائين آءٌ شاھد كريان ٿو

اسين توكي رڳو (ھيءَ ڳالھ) چئون ٿا تہ اسان جي كن بتن (شايد) توكي كجھ ايذايو آھي. (ھود) چيو تہ آءٌ الله كي شاھد كريان ٿو

ٱللَّهَ وَٱشْهَدُوٓا۟ أَنِّى بَرِىٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُونَ ﴿٥٤﴾ مِن دُونِهِۦ ۖ فَكِيدُونِى

الله كي ۽ توھان بہ شاھد ھجو تہ آءٌ بيزار آھيان انھن كان جن كي توھان شريك ٿا كريو. انھيءَ كان سواءِ پوءِ دشمني كريو مون سان

۽ اوھين بہ شاھد ھجو تہ آءٌ انھن كان بيزار آھيان جن كي (الله سان) شريك بڻائيندا آھيو. اُن (الله) ڌاران. پوءِ مون لاءِ سڀئي رٿا كريو

جَمِيعًا ثُمَّ لَا تُنظِرُونِ ﴿٥٥﴾ إِنِّى تَوَكَّلْتُ عَلَى ٱللَّهِ رَبِّى وَرَبِّكُم ۚ

سمورا پوءِ نہ ڍر ڏيو مون كي. بيشك مون ڀروسو كيو آھي الله تي جو منھنجو رب آھي ۽ توھان جو رب آھي.

وري مون كي مھلت نہ ڏيو مون پنھنجي پالڻھار ۽ اوھان جي پالڻھار الله تي ڀروسو كيو آھي. كو (جاندار) چرندڙ نہ آھي، جنھن

مَّا مِن دَآبَّةٍ إِلَّا هُوَ ءَاخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَآ ۚ إِنَّ رَبِّى عَلَىٰ صِرَٰطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٥٦﴾

ناھي كوئي ساھوارو مگر اھو پكڙيندڙ آھي ان جي چوٽ كي. بيشك منھنجو رب رستي سڌي تي آھي.

جي پيشاني (جي چڳ) اُن (الله) كان سواءِ ٻيو كو (ھٿ ۾) وٺندڙ ھجي، بيشك منھنجو پالڻھار سڌيءَ واٽ تي (ملڻ وارو) آھي.

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ مَّآ اُرْسِلْتُ بِهٖٓ اِلَيْكُمْ ؕ وَيَسْتَخْلِفُ رَبِّيْ

پوءِ جي اوهان منهن ڦيريندؤ ته آءٌ پهچائي چڪو آهيان توهان کي اهو جنهن سان موڪليو ويو آهيان توهان ڏانهن. ۽ آڻيندو منهنجو رب

پوءِ جيڪڏهن ڦرندو ته (مون کي ڇا ٿيندو؟) بيشڪ جنهن پيغام سان اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهيان سو اوهان کي پهچايم. ۽ منهنجو پالڻهار

قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۚ وَلَا تَضُرُّوْنَهٗ شَيْئًا ؕ اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

قوم ٻيءَ کي، ۽ توهان نه نقصان پهچائيندا ان کي ڪجهه به. بيشڪ منهنجو رب هر شيءِ تي

اوهان کان سواءِ ٻي قوم کي اوهان جي جاءِ تي وهاريندو ۽ اوهين ڪيس ڪجهه ذرو نقصان پهچائي نه سگهندؤ. ڇو ته منهنجو پالڻهار سڀني شين تي

حَفِيْظٌ ۝٥٧ وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ

نگهبان آهي ۽ جڏهن آيو عذاب اسان جو ته بچايوسون هود کي ۽ انهن کي جن ايمان آندو هئو ان سان گڏ

نگهبان آهي. ۽ جنهن مهل اسان جو عذاب پهتو (تنهن مهل) هود کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو هو تن کي

بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَنَجَّيْنٰهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ۝٥٨ وَتِلْكَ عَادٌ ۟ۙ جَحَدُوْا

پنهنجي ٻاجهه سان، ۽ بچايوسون انهن کي عذاب ڳري کان. ۽ اهي هئا عادَ جن انڪار ڪيو

پنهنجي ٻاجهه سان بچايوسون، ۽ ڪين سخت عذاب کان ڇڏايوسون. ۽ اُهو حال عاد وارن جو آهي جو پنهنجي

بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَعَصَوْا رُسُلَهٗ وَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ۝٥٩

پنهنجي رب جي آيتن جو ۽ بي فرماني ڪيائون ان جي رسولن جي ۽ تابع ٿيا هر سرڪش ضديءَ جا.

پالڻهار جي نشانين جو انڪار ڪيائون ۽ پنهنجن پيغمبرن جي نافرماني ڪيائون ۽ سڀ ڪنهن هٺيلي فساديءَ جي حڪم جا تابعدار ٿيا.

وَاُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَآ اِنَّ عَادًا

۽ پٺيان لاتي وين هن دنيا ۾ لعنت ۽ قيامت ڏينهن، خبردار! عاد وارن

۽ هن دنيا ۾ (به) ۽ قيامت جي ڏينهن (به) لعنت پويان لاتي وين۔ خبردار! بيشڪ عاد وارن پنهنجي پالڻهار جو

كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ۝٦٠ ع وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ

ع ٥ كفر ڪيو پنهنجي رب جو، خبردار ڦِٽڪار آهي عاد، قوم هود تي. ۽ ثمود ڏانهن موڪليوسين انهن جي ڀاءُ

انڪار ڪيو۔ خبردار! هود جي قوم عادين کي ڦِٽ هجي! ۽ ثمود جي قوم ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي موڪليوسون.

وقف لازم

صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ هُوَ اَنْشَاَكُمْ

صالح کي، چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ڪو ٻيو مالڪ انهيءَ کان سواءِ، انهيءَ پيدا ڪيو توهان کي

چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ اوهان جو (ڪو ٻيو) معبود نه آهي، انهيءَ اوهان کي

مِّنَ الْاَرْضِ وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا فَاسْتَغْفِرُوْهُ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ

ڌرتي مان ۽ آباد ڪيائين توهان کي ان ۾ پوءِ بخشش گهرو ان کان پوءِ موٽو انهيءَ ڏانهن.

زمين مان پيدا ڪيو ۽ منجهس اوهان کي آباد ڪيائين تنهن ڪري ڪانئس بخشش گهرو وري سندس اڳيان توبهه ڪريو.

اِنَّ رَبِّيْ قَرِيْبٌ مُّجِيْبٌ ﴿٦١﴾ قَالُوْا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ
بيشڪ منهنجو رب ويجهو آهي قبول ڪندڙ آهي. چيائون اي صالح! هئين تون اسان ۾ اميد ڪيل اڳي
بيشڪ منهنجو پالڻهار ويجهو (۽) قبول ڪندڙ آهي. چيائون ته اي صالح! هن کان اڳ بيشڪ اسين تو ۾ (ڪيئي) اميدون رکندا هئاسون (جي

هٰذَآ اَتَنْهٰىنَآ اَنْ نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَاِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ
هن کان چا تون روڪين ٿو اسان کي ان جي عبادت کان جن کي پوڄيندا هئا اسان جا ابا ڏاڏا ۽ اسان آهيون شڪ ۾ ان کان سڏين ٿو اسان کي
هاڻي بند ٿيون) اسان جي ابن ڏاڏن جن کي پوڄيو تن جي پوڄڻ کان اسان کي ڇو ٿو جهلين؟ ۽ جنهن ڏانهن اسان کي سڏين ٿو تنهن کان اسين

اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٦٢﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ
جنهن ڏانهن جو پريشان ڪندڙ آهي. چيائين اي قوم خبر ڏيو جيڪڏهن هجان آءٌ ثابتي تي پنهنجي
بلڪل شڪ ۾ پيل آهيون. (صالح) چيو ته اي منهنجي قوم! (مون کي اوهين) ڏسيو ته سهي ته جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پالڻهار کان جتيءَ حجت تي هجان

رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ مِنْهُ رَحْمَةً فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ قف
رب کان ۽ ڏنائين مونکي پنهنجي طرفان رحمت پوءِ ڪير بچائيندو مون کي الله کان جيڪڏهن بي فرماني ڪريان انهيءَ جي
۽ پنهنجي طرف کان مون تي (نبوت جي) ٻاجهه ڪئي هجيس ته جيڪڏهن (آءٌ اوهان جو چيو مڃي) سندس نافرماني ڪريان ته الله کان مون کي

فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ تَخْسِيْرٍ ﴿٦٣﴾ وَيٰقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً
پوءِ نه تا وڌايو توهان مونکي سواءِ نقصان جي. ۽ اي منهنجي قوم هيءَ ڏاچي الله جي آهي توهان لاءِ نشاني
ڪير ڇڏائيندو؟ پوءِ اوهان مون لاءِ رڳو نقصان وڌايو. ۽ اي منهنجي قوم! هيءَ الله جي ڏاچي اوهان لاءِ نشاني (معجزو) آهي

فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ
پوءِ ڇڏيو ان کي ته کائي الله جي زمين ۾ ۽ نه پهچايو ان کي ايذاءُ پوءِ وٺندو توهان کي
پوءِ ان کي ڇڏيو ته الله جي زمين ۾ (جتي وڻيس اتي) چري ۽ ان کي ڪو ايذاءُ نه پهچائجو نه ته پوءِ اوهان کي

عَذَابٌ قَرِيْبٌ ﴿٦٤﴾ فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ
عذاب جلد. پوءِ ڪُچ وڍيائون ان جي پوءِ چيائين مزو وٺو پنهنجي گهرن ۾ ٽي
ستت عذاب (اچي) وٺندو. پوءِ ان جون ڪُچون ڪپي (ماري وڌائون) پوءِ (صالح) چيو ته اوهين پنهنجن گهرن ۾ (ٽِڪا) ٽي ڏينهن گذاريو.

اَيَّامٍ ط ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُ مَكْذُوْبٍ ﴿٦٥﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صٰلِحًا
ڏينهن. اهو وعدو آهي نه ڪوڙو ٿيل. پوءِ جڏهن آيو عذاب اسان جو بچايوسي صالح کي
اهو انجام ڪوڙو نه آهي. پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب آيو (تنهن مهل) صالح ۽ جن

وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَمِنْ خِزْيِ يَوْمِئِذٍ ط اِنَّ
۽ انهن کي جن ايمان آندو ان سان گڏ پنهنجي رحمت سان ۽ پڻ خواري ان ڏينهن جي کان. بيشڪ
ساڻس ايمان آندو هو تن کي پنهنجيءَ ٻاجهه سان بچايوسون ۽ قيامت جي ڏينهن جي خواريءَ کان (بہ). تحقيق

رَبَّكَ هُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿٦٦﴾ وَاَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا

تنهنجو رب ڏاڍو آهي زبردست آهي. ۽ پڪڙيو ظالمن کي راڙ پوءِ صبح جو پيا هئا

تنهنجو پالڻهار وڏو طاقت وارو (۽) غالب آهي. ۽ (اُنهن) ظالمن کي هڪ راڙ ورتو پوءِ صبح جو

فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٦٧﴾ كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَآ اِنَّ ثَمُوْدَاْ

پنهنجي گهرن ۾ اونڌا گوڏن ڀر. ڄڻڪ رهيائي ڪين هئا اتي، خبردار ثمود

پنهنجن حويلين ۾ ڪرونڊڙا ٿي (مري) ويا. ڄڻ تہ انهن ۾ رهيا ئي نہ هئا. خبردار ٿيو! ثمود (جي قوم) پنهنجي

كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ﴿٦٨﴾ وَلَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ

انڪار ڪيو پنهنجي رب جو، خبردار! تباهي ٿي ثمود جي. يقينن آيا اسانجا قاصد ابراهيم وٽ

پالڻهار جو انڪار ڪيو. خبردار ٿيو! ثمود (جي قوم) تي لعنت پئي. ۽ بيشڪ اسان جا قاصد ابراهيم وٽ خوشخبري (ڏيڻ) لاءِ آيا

بِالْبُشْرٰى قَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ بِعِجْلٍ

خوشخبري کڻي چيائون سلام آهي، هن بہ چيو سلام پوءِ دير ئي نہ ڪيائين تہ آندائين گابو

(پوءِ) سلام ڏنائون. (ابراهيم) سلام ورايو پوءِ ڀُڳل گابي (جي گوشت آڻڻ) ۾ ڪا دير نہ ڪيائين.

حَنِيْذٍ ﴿٦٩﴾ فَلَمَّا رَآٰ اَيْدِيَهُمْ لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَاَوْجَسَ

ڀڳل. پوءِ جڏهن ڏٺائين تہ هٿ انهن جا نہ تا ورن ان ڏي اوپرو سمجهيائين انهن کي ۽ محسوس ڪيائين

پوءِ جنهن مهل سندن هٿن کي ان (گوشت) ڏانهن نہ پهچندو ڏٺائين (تنهن مهل) کين اوپرو ڀائيائين ۽ ڪاتڻ

مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمِ لُوْطٍ ﴿٧٠﴾ وَامْرَاَتُهٗ

انهن مان خطرو. چيائون نہ ڊڄ اسان موڪليل آهيون قوم لوط جي طرف. ۽ سندس زال

دل ۾ ڌنو، چيائون تہ نہ ڊڄ اسان کي لوط جي قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي. ۽ سنديس زال جا بيٺل هئي

قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنٰهَا بِاِسْحٰقَ ۙ وَمِنْ وَّرَآءِ اِسْحٰقَ يَعْقُوْبَ ﴿٧١﴾

بيٺي هئي پوءِ اها کلي پوءِ اسان خوشخبري ڏني ان کي اسحاق جي ۽ اسحاق پُٺيان يقعوب جي.

سا کِلي. پوءِ ان کي اسحاق جي (ڄمڻ) جي ۽ اسحاق جي پٺيان يعقوب جي مبارڪ ڏني سون.

قَالَتْ يٰوَيْلَتٰٓى ءَاَلِدُ وَاَنَا عَجُوْزٌ وَّهٰذَا بَعْلِيْ شَيْخًا ؕ اِنَّ هٰذَا

چيائين هاءِ ڦٽيس مون ڄڻينديس ۽ آءٌ ڪراڙي آهيان ۽ هي منهنجو مڙس آهي پوڙهو. بيشڪ هيءَ

چيائين تہ هاءِ افسوس! آءٌ هن حالت ۾ ڄڻينديس ڇا؟ جو آءٌ (پاڻ) ڪراڙي جهور آهيان ۽ هيءُ منهنجو مڙس بہ ٻڍو آهي. بيشڪ هيءَ ڳالهہ

لَشَيْءٌ عَجِيْبٌ ﴿٧٢﴾ قَالُوْٓا اَتَعْجَبِيْنَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ رَحْمَتُ اللّٰهِ وَ

ڳالهہ عجيب آهي. چيائون ڇا تون عجب ٿي ڪرين الله جي حڪم تي الله جي رحمت ۽

ضرور عجب جهڙي آهي!. چيائون تہ الله جي قدرت تي ڇو ٿي عجب ڪرين؟ اي هن گهر وارؤ! اوهان تي الله جي ٻاجهہ ۽

بَرَكٰتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ ؕ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ﴿٧٣﴾ فَلَمَّا ذَهَبَ
برڪتون ان جون آهن توهان تي اي اهل بيت. بيشڪ اهو ساراهيل آهي سڳورو آهي. پوءِ جڏهن لهي ويو
سندس برڪتون آهن. بيشڪ اهو (الله) ساراهيل وڏائيءَ وارو آهي. پوءِ جنهن مهل ابراهيم کان ڊپ لٿو

عَنْ اِبْرٰهِيْمَ الرَّوْعُ وَجَآءَتْهُ الْبُشْرٰى يُجَادِلُنَا فِىْ قَوْمِ
ابراهيم کان خوف ۽ آيس خوشخبري تہ بحث ڪرڻ لڳو اسان سان قوم
۽ خوشخبري پهتس (تنهن مهل) لوط جي قوم بابت اسان سان تڪرار ڪرڻ لڳو.

لُوْطٍ ﴿٧٤﴾ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ ﴿٧٥﴾ يٰٓاِبْرٰهِيْمُ اَعْرِضْ
لوط جي لاءِ. بيشڪ ابراهيم بردبار نرم دل رجوع ڪندڙ هئو. اي ابراهيم مڙي وڃ
چو تہ ابراهيم برداباد، نرم دل (الله ڏانهن) موٽندڙ هو. (چيوسون تہ) اي ابراهيم انهيءَ (ڳالهہ) کان مڙي وڃ.

عَنْ هٰذَا ۚ اِنَّهٗ قَدْ جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ۚ وَاِنَّهُمْ اٰتِيْهِمْ عَذَابٌ
هن کان، بلاشڪ اچي ويو حڪم تنهنجي رب جو. ۽ انهن تي اچڻو آهي عذاب
چو تہ تنهنجي پالڻهار (جي عذاب) جو حڪم اچي چڪو آهي، ۽ کين اڻ ٽر عذاب اچڻ وارو آهي.

غَيْرُ مَرْدُوْدٍ ﴿٧٦﴾ وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ
اڻ ٽر. ۽ جڏهن آيا اسان جا قاصد لوط وٽ منجهي پيو انهن کان ۽ تنگ ٿيو
۽ جڏهن اسان جا قاصد لوط وٽ آيا (تڏهن) سندس (اچڻ) سببان خفي ٿيو ۽

بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالَ هٰذَا يَوْمٌ عَصِيْبٌ ﴿٧٧﴾ وَجَآءَهٗ قَوْمُهٗ يُهْرَعُوْنَ
انهن جي ڪري دل ۾ ۽ چيائين هي ڏينهن ڏاڍو ڏکيو آهي. ۽ آيا ان وٽ ان جا ماڻهو ڊوڙندا
انهن جي سببان تنگ دل ٿيو ۽ چيائين تہ هيءُ ڏينهن ڏاڍو سخت آهي! ۽ سندس قوم ڏانهس ڊوڙندي آئي.

اِلَيْهِ ؕ وَمِنْ قَبْلُ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ قَالَ يٰقَوْمِ هٰٓؤُلَآءِ
انهيءَ ڏانهن، ۽ ان کان اڳ ۾ ڪندا هئا بڇڙايون. چيائين اي منهنجي قوم هي آهن
۽ (اهي) اڳي بڇڙا ڪم ڪندا هئا. چيائين تہ اي منهنجي قوما هي منهنجيون ڌيئرون اوهان (جي

بَنَاتِىْ هُنَّ اَطْهَرُ لَكُمْ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ فِىْ ضَيْفِىْ ؕ
ڌيئر منهنجون اهي حلال آهن توهان لاءِ پوءِ ڊڄو الله کان ۽ نہ خوار ڪريو مونکي منهنجي مهمانن ۾.
نڪاح) لاءِ ڏاڍيون سليون آهن پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي مهمانن (سان بڇڙي هلت ڪرڻ) ۾ مون کي لڄي نہ ڪريو.

اَلَيْسَ مِنْكُمْ رَجُلٌ رَّشِيْدٌ ﴿٧٨﴾ قَالُوْا لَقَدْ عَلِمْتَ مَا لَنَا
ڇا ناهي توهان ۾ ڪو ماڻهو سمجهدار؟ چيائون توکي معلوم آهي تہ ناهي اسان کي
اوهان ۾ ڪو ڀلارو مڙس ڪونهي ڇا (جو اوهان کي جهلي؟) چيائون تہ تون پڪ طرح ڄاڻين ٿو تہ اسان کي

فِيْ بَنٰتِكَ مِنْ حَقٍّ ۚ وَاِنَّكَ لَتَعْلَمُ مَا نُرِيْدُ ﴿۷۹﴾ قَالَ لَوْ اَنَّ لِيْ بِكُمْ

تنهنجي ڌيئن ۾ ڪا حاجت، ۽ تون ڄاڻين ٿو جيڪي اسين چاهيون ٿا. چيائين جيڪر هجيم ها توهان تي

تنهنجي ڌيئرن ۾ ڪا احتياجي ڪانهي، ۽ جيڪي اسين گهرون ٿا سو ضرور تون ڄاڻندو آهين. (لوط) چيو ته جيڪڏهن مون کي اوهان سان ڪا

قُوَّةً اَوْ اٰوِيْٓ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ ﴿۸۰﴾ قَالُوْا يٰلُوْطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ

سگهه يا بچاءُ وٺان ها ڏانهن ڏاڍي ڏانهن. چيو مهمانن اي لوط اسان موڪليل آهيون تنهنجي رب جا

(مقابلي جي) سگهه هجي ها يا ڪنهن مضبوط سهاري ڏانهن پناهه وٺان ها. (ملائڪن) چيو ته اي لوط! اسين تنهنجي پالڻهار جا موڪليل آهيون

لَنْ يَّصِلُوْٓا اِلَيْكَ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ

هرگز نه پهچندا توڏانهن پوءِ ڪڍ پنهنجي عيال کي حصي رات جي ۾ ۽ نه واجهائي توهان مان

(اهي) تو وٽ ڪڏهن پهچي نه سگهندا پوءِ پنهنجي گهوارن سوڌو ڪجهه رات ڏيئي نڪر ۽ اوهان کي جڳائي ته ڪو هڪڙو پوئتي نه واجهائي پر

اَحَدٌ اِلَّا امْرَاَتَكَ ؕ اِنَّهٗ مُصِيْبُهَا مَآ اَصَابَهُمْ ؕ اِنَّ مَوْعِدَهُمُ

ڪوئي مگر تنهنجي زال، انکي سو پهچندو جيڪي پهتو انهن کي، بيشڪ انهن جي عذاب جو وقت

تنهنجي زال، هن ڪري جو جيڪو (عذاب) اُن (ڪافرن جي) قوم کي پهچندو سو اُن کي (به) پهچڻو آهي، سندن (عذاب پهچڻ جي) انجام جي مهل

الصُّبْحُ ؕ اَلَيْسَ الصُّبْحُ بِقَرِيْبٍ ﴿۸۱﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا

آهي صبح، ڇا ناهي صُبح ويجهو. پوءِ جڏهن آيو حڪم اسانجو ڪيوسون ان جي مٿئين پاسي کي

صبح آهي (تون اُبهارو نه ٿي) صبح ويجهو نه آهي ڇا؟ پوءِ جنهن مهل اسان جو حڪم پهتو (تنهن مهل) اُن (ڳوٺ جي) مٿاهين (پڙ) کي هيٺاهون ڪيوسون

سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۙ مَّنْضُوْدٍ ﴿۸۲﴾ لا مُّسَوَّمَةً

هيٺان ۽ وسايوسون ان تي پٿر ساڪر وارو تهه به تهه. نشان ڪيل

۽ ان تي پڪي مٽيءَ جا ڳوڙها لڳو لڳ وساياسون. جو تنهنجي پالڻهار وٽان نشان ٿيل هئا.

عِنْدَ رَبِّكَ ؕ وَمَا هِيَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ ﴿۸۳﴾ ع وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ

تنهنجي رب وٽ، ۽ ناهن اهي ظالمن کان پري. ۽ موڪليوسون مدين ڏانهن سندن ڀاءُ

۽ اها (سزا) ظالمن کان پري نه هئي. ۽ مدين (جي قوم) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون.

شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ وَلَا تَنْقُصُوا

شعيب کي. چيائين اي منهنجي قوم پوڄا ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ڪو مالڪ انهيءَ کانسواءِ، ۽ نه گهٽ ڪريو

(شعيب) چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود ڪونهي، ۽

الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ اِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ بِخَيْرٍ وَّاِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ

ماپ ۽ تور آءٌ ڏسان ٿو توهان کي آسودو ۽ آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي

ماڻ ۽ تور گهٽائي نه ڏيو آءٌ اوهان کي آسودو ڏسان ٿو آءٌ اوهان تي وڪوڙيندڙ ڏينهن

النصف ۵ ع

عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيْطٍ ۝۸۴ وَيٰقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ

عذاب ڏينهن گهيري ڪندڙ ڪان. ۽ اي منهنجي قوم پوري ڪيو ماپ ۽ ترازي کي انصاف سان

جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو. ۽ اي منهنجي قوم! ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڏيو ونو

وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ۝۸۵

۽ نه ڪُتائي ڏيو ماڻهن کي شيون انهن جون ۽ نه مچايو ملڪ ۾ فساد.

۽ ماڻهن کي سندين شيون گهٽائي نه ڏيو ۽ نکي ملڪ ۾ فسادي ٿي بگيڙ وجهو.

بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ

بچت الله وٽ بهتر آهي توهان لاءِ جيڪڏهن آهيو اوهان ايمان وارا. ۽ ناهيان مان توهان تي

جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو ته الله جي بچايل بچت اوهان لاءِ ڀلي آهي. ۽ آءٌ اوهان تي نگهبان نه آهيان.

بِحَفِيْظٍ ۝۸۶ قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ

نگهبان. چيائون اي شعيب ڇا تنهنجي نماز توکي چئي ٿي ته ڇڏي ڏيون جنکي پوڄيندا هئا

چيائون ته اي شعيب! تنهنجي نماز توکي حڪم ڪيو آهي ڇا ته جنهن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا تنهن کي

اٰبَآؤُنَآ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْٓ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ

اسان جا ابا ڏاڏا يا اهو ڪاروبار پنهنجي مالن ۾ جيڪي اسان گهرون ٿا. بيشڪ تون ته ڏاڍو بردبار

يا پنهنجن مالن ۾ جيڪي ڪرڻ گهرندا آهيون سو ڇڏي ڏيون؟ (چٿر ڪري چيائون) ته بيشڪ تون بردبار

الرَّشِيْدُ ۝۸۷ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ

سمجهدار آهين. چيائين اي قوم ٻڌايو ته جيڪڏهن آءٌ هجان ثابتي تي پنهنجي رب کان

سئين رستي وارو آهين. (شعيب) چيو ته اي منهنجي قوم! (اوهين) ڏسو ته سهي ته (آءٌ) جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جي چٽيءَ حجت تي هجان

وَرَزَقَنِيْ مِنْهُ رِزْقًا حَسَنًا ؕ وَمَآ اُرِيْدُ اَنْ اُخَالِفَكُمْ اِلٰى مَآ

۽ انهيءَ ڏنو هجي مون کي پنهنجي طرفان رزق سٺو. ۽ آءٌ نه ٿو گهران جو ابتڙ ڪريان توهان جي اهو ڪم جو

۽ پنهنجي پار کان چڱي روزي مون کي ڏني هجيس (ته اوهان جو چيو ڪيئن مڃيندس؟) ۽ جنهن کان اوهان کي جهليان ٿو تنهن کان اوهان

اَنْهٰىكُمْ عَنْهُ ؕ اِنْ اُرِيْدُ اِلَّا الْاِصْلَاحَ مَا اسْتَطَعْتُ ؕ وَمَا تَوْفِيْقِيْٓ

جهليان توهان کي انهيءَ کان. آءٌ نه ٿو گهران مگر سڌارو آڻڻ جيترو جو ڪري سگهان. ۽ ناهي مون کي طاقت

(کي جهلڻ) جي ابتڙ هلڻ نه ٿو گهران. جيترو وس پهچي سو سڌاري ڪرڻ کان سواءِ نه گهرندس. ۽ الله (جي فضل) کان سواءِ مون

اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ۝۸۸ وَيٰقَوْمِ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ

مگر الله جي. انهيءَ تي ئي ڀروسو ڪيو اٿم ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻ اٿم. ۽ اي منهنجي قوم هرگز نه جرم ڪرائي توهان کي

کي ڪا سگهه نه آهي. مٿس ڀروسو ڪيم ۽ ڏانهس رجوع ڪريان ٿو. ۽ اي منهنجي قوم! اوهان کي مون سان

شِقَاقِيْٓ اَنْ يُّصِيْبَكُمْ مِّثْلُ مَآ اَصَابَ قَوْمَ نُوْحٍ اَوْ قَوْمَ هُوْدٍ

منهنجي مخالفت جو پهچي توهان کي عذاب جهڙو جو پهتو قوم نوح کي يا قوم هود کي

دشمني ڪرڻ اهڙي عذاب پهچڻ جو سبب نہ بڻجي جهڙو عذاب نوح جي قوم يا هود جي قوم

اَوْ قَوْمَ صٰلِحٍ ؕ وَمَا قَوْمُ لُوْطٍ مِّنْكُمْ بِبَعِيْدٍ ﴿٨٩﴾ وَاسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ

يا قوم صالح کي، ۽ ناهي قوم لوط جي توهان کان پري. ۽ معافي گهُرو پنهنجي رب کان

يا صالح جي قوم کي پهتو، ۽ لوط جي قوم اوهان کان ڪا پري نہ آهي. ۽ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو

ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ رَحِيْمٌ وَّدُوْدٌ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا يٰشُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ

پوءِ موٽو انهيءَ ڏانهن، بيشڪ منهنجو رب مهربان پيار ڪندڙ آهي. چيائون اي شعيب! نہ ٿا سمجهون

وري ان ڏانهن توبہ ڪريو، ڇو تہ منهنجو پالڻهار مهربان (سڀ ڪنهن جو) سڄڻ آهي. چيائون تہ اي شعيب! جيڪي تون چوين ٿو

كَثِيْرًا مِّمَّا تَقُوْلُ وَاِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْنَا ضَعِيْفًا ۚ وَلَوْلَا رَهْطُكَ

ڪيتريون ڳالهيون جيڪي تون چوين ٿو ۽ اسين ڏسون ٿا توکي پاڻ وٽ هيڻو. ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها تنهنجو ٽولو

تنهن مان گهڻو نہ ٿا سمجهون ۽ توکي پاڻ مان بلڪل هيڻو ڏسون ٿا، ۽ جيڪڏهن تنهنجو ڪٽنب نہ هجي ها تہ توکي پٿرن سان

لَرَجَمْنٰكَ ز وَمَآ اَنْتَ عَلَيْنَا بِعَزِيْزٍ ﴿٩١﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَهْطِيْٓ اَعَزُّ عَلَيْكُمْ

تہ پٿر هڻون ها توکي ۽ ناهين تون اسان تي ڏاڍو. چيائين اي منهنجي قوم ڇا منهنجي جماعت وڌيڪ ڏاڍي آهي توهان تي

ماريون ها ۽ تون اسان تي ڪو سردار نہ آهين. (شعيب) چيو تہ اي منهنجي قوم! اوهان وٽ منهنجو ڪٽنب الله کان وڌيڪ پيارو آهي ڇا؟

مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاتَّخَذْتُمُوْهُ وَرَآءَكُمْ ظِهْرِيًّا ؕ اِنَّ رَبِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٩٢﴾

الله کان، ۽ ڪري ڇڏيو آهي اوهان انهيءَ کي پٺيءَ پويان، بيشڪ منهنجو رب توهان جي عملن تي گهيرو ڪندڙ آهي.

۽ ان (الله جي حڪم) کي پنهنجيءَ پٺيءَ پويان اڇلي ڇڏيو اٿوَ! بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو منهنجي پالڻهار جي قابو ۾ آهي.

وَيٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ؕ سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ

۽ اي منهنجي قوم توهان ڪم ڪريو پنهنجي ماڳ تي آءٌ بہ ڪم ڪندڙ آهيان، اجهو ڄاڻندؤ ڪنهن تي

۽ اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجي پرتي عمل ڪريو آءٌ (بہ) عمل ڪندڙ آهيان. سگهوئي ڄاڻندؤ تہ ڪنهن کي

يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَمَنْ هُوَ كَاذِبٌ ؕ وَارْتَقِبُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ

اچي ٿو عذاب جو خوار ڪري انهيءَ کي ۽ ڪير آهي ڪوڙو. ۽ توهان انتظار ڪريو آءٌ بہ توهان سان گڏ

عذاب پهچي ٿو جو کيس خوار ڪندو ۽ جيڪو ڪوڙو آهي تنهن کي بہ. ۽ انتظار ڪريو آءٌ (بہ) اوهان سان گڏ

رَقِيْبٌ ﴿٩٣﴾ وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا شُعَيْبًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ

انتظار ڪندڙ آهيان. ۽ جڏهن آيو اسان جو حڪم بچايو سون شعيب کي ۽ جن ايمان آندو هئو انهيءَ تي پنهنجي رحمت سان،

انتظار ڪندڙ آهيان. ۽ جنهن مهل اسان جو عذاب آيو تنهن مهل شعيب کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو هو تن کي

وَاَخَذَتِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ

۽ ورتو انهن کي جن ظلم ڪيو راڙ پوءِ صبح جو پيا هئا پنهنجن گهرن ۾

پنهنجي پاڃهه سان بچايوسون، ۽ ظالمن کي سخت ڪڙڪي (اچي) پڪڙيو پوءِ پنهنجن گهرن ۾ ڪرونڊڙا ٿي (مري) ويا.

جٰثِمِيْنَ ﴿٩٤﴾ كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَا بُعْدًا لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ

اونڌا ڪوڏن پر. جڻڪ هيائي ڪونه اتي. خبردار! تباهي ٿي مدين جي جيئن تباهي ٿي

جڻڪ منجهن هئائي نه. خبردار! مدين وارن تي ڦٽ هجي جهڙي ثمود قوم تي ڦٽ لعنت ٿي.

ثَمُوْدُ ﴿٩٥﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٦﴾ ع ٨

ثمود جي. ۽ يقينن موڪليو سين موسيٰ کي پنهنجن نشانين سان ۽ دليل پڌري سان.

۽ بيشڪ موسيٰ کي پنهنجين نشانين ۽ پڌري حجت سان موڪليوسون.

اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَاتَّبَعُوْۤا اَمْرَ فِرْعَوْنَ ۚ وَمَاۤ اَمْرُ فِرْعَوْنَ

فرعون ۽ ان جي سردارن ڏي پوءِ انهن پيروي ڪئي حُڪم فرعون جي، ۽ نه هئو حڪم فرعون جو

فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن، پوءِ (سڀ ماڻهو) فرعون جي حڪم جي پويان لڳا ۽ فرعون جو حڪم

بِرَشِيْدٍ ﴿٩٧﴾ يَقْدُمُ قَوْمَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَاَوْرَدَهُمُ النَّارَ ؕ وَبِئْسَ

صحيح. اڳيان هوندو پنهنجي قوم جي قيامت ڏينهن پوءِ آڻيندو انهن کي باهه تي، ۽ بڇڙو آهي

صحيح نه هو. قيامت جي ڏينهن (فرعون) پنهنجي قوم جو اڳواڻ ٿيندو پوءِ کين باهه ۾ گهيڙيندو. ۽

الْوِرْدُ الْمَوْرُوْدُ ﴿٩٨﴾ وَاُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهٖ لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ بِئْسَ

اهو گهيڙ گهڙيل. ۽ ڪيلاتي وين هن دنيا ۾ لعنت ۽ پڻ ڏينهن قيامت. بڇڙو آهي

جنهن گهٽ ۾ گهيڙيا ويندا سو بڇڙو آهي. ۽ هن (دنيا) ۾ (به) لعنت انهن پويان لڳائي وئي ۽ قيامت جي ڏينهن (به).

الرِّفْدُ الْمَرْفُوْدُ ﴿٩٩﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيْكَ مِنْهَا

اهو ڏيب ڏنل. اهي آهن ڪجهه خبرون ڳوٺن جون بيان ڪيون ٿا انکي توتي انهن مان ڪي

جيڪو (لعنت جو) انعام مليل سو بڇڙو آهي. (اي پيغمبر!) اهي ڳوٺن جون خبرون آهن جي توتي بيان ڪريون ٿا انهن مان (ڪي)

قَآئِمٌ وَّحَصِيْدٌ ﴿١٠٠﴾ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ فَمَاۤ

بيٺا آهن ۽ ڪي ڊٺل آهن. ۽ نه ظلم ڪيو اسان انهن تي پر ظلم ڪيائون پاڻ تي پوءِ نه

قائم بيٺل ۽ (ڪي) ناس ٿيل آهن. ۽ اسان انهن تي ظلم نه ڪيو پر هنن پاڻ تي (پاڻهين) ظلم ڪيو پوءِ

اَغْنَتْ عَنْهُمْ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِيْ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

ٽاريو انهن کان سندن معبودن جن کي سڏيندا هئا الله کان سواءِ

جنهن مهل تنهنجي پالڻهار جو حڪم پهتو (تنهن مهل) سندن معبودن، جن کي الله کان سواءِ سڏيندا هئا

مِنْ شَیْءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ؕ وَمَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ ﴿١٠١﴾ وَكَذٰلِكَ
ڪجهه بہ جڏهن آيو حڪم تنهنجي رب جو، ۽ نہ وڌايائون انهن لاءِ سواءِ تباهي جي. ۽ اهڙي طرح آهي
ڪانئن ڪجهه بہ نہ ٽاريو، ۽ هلاڪيءَ ڪان سواءِ (ٻيو ڪجهه) ڪين نہ وڌايائون. ائين تنهنجي پالڻهار جو اُن مهل

اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِیَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِيْمٌ
پڪڙڻ تنهنجي رب جو جڏهن وٺندو آهي ڳوٺن کي ۽ اهي هوندا آهن ظلم ڪندڙ. بيشڪ پڪڙڻ جي ايذائيندڙ آهي
ڳوٺن (وارن) کي اُن حالت ۾ پڪڙڻ ٿيندو آهي جنهن مهل اهي ظلم ڪندڙ ٿيندا آهن. بيشڪ سندس پڪڙ سخت ڏکوئيندڙ آهي.

شَدِيْدٌ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ الْاٰخِرَةِ ؕ ذٰلِكَ
سخت آهي. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي انهي لاءِ جو ڊڄي ٿو عذاب آخرت جي ڪان، اهو
بيشڪ اِن (ڳالهہ) ۾ انهيءَ لاءِ نشاني آهي جو آخرت جي عذاب ڪان ڊنو آهي، اِهو اُهو ڏينهن آهي

يَوْمٌ مَّجْمُوْعٌ ۙ لَّهُ النَّاسُ وَذٰلِكَ يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ ﴿١٠٣﴾ وَمَا نُؤَخِّرُهٗۤ اِلَّا
ڏينهن آهي جو گڏ ٿيل هوندا ان ۾ ماڻهو ۽ اهو ڏينهن حاضريءَ وارو آهي. ۽ نہ ٿا پوئتي ڪريون ان کي مگر
جنهن ۾ ماڻهن کي ميڙبو ۽ اِهو اُهو ڏينهن آهي جنهن ۾ (سڀ) حاضر ٿيندا. ۽ ٿورڙي مدت ڪان سواءِ

لِاَجَلٍ مَّعْدُوْدٍ ﴿١٠٤﴾ ؕ يَوْمَ يَاْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ
وقت ٿوري لاءِ. جنهن ڏينهن اهو ايندو نہ ڳالهائيندو ڪوبہ مگر ان جي اجازت سان، پوءِ ڪي انهن مان
اُن کي نہ ٿا پٺتي ڪريون. جنهن ڏينهن (اُهو) ايندو تہ ڪو ماڻهو اُن (الله) جي موڪل ڪانسواءِ نہ ڳالهائيندو.

شَقِیٌّ وَّسَعِيْدٌ ﴿١٠٥﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ شَقُوْا فَفِی النَّارِ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ
نياڳا هوندا ۽ ڪي سياڳا. پوءِ جيڪي نياڳا ٿيا پوءِ هوندا باھ ۾ انهن لاءِ اتي هونديون دانهون
پوءِ اُنهن مان ڪي بدبخت ۽ ڪي نيڪ بخت هوندا. پوءِ جيڪي بدبخت ٿيا سي باھ ۾ (گهڙندا) اُنهن کي منجهس رڙيون

وَّشَهِيْقٌ ﴿١٠٦﴾ ۙ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا
۽ ڪوڪون. يڪو رهندا ان ۾ جيستائين رهندا آسمان ۽ زمين مگر
۽ دانهون هونديون. جيترو وقت تنهنجي پالڻهار گهريو اُن ڪان سواءِ، آسمانن ۽ زمين جي بقاءَ هجڻ تائين منجهس سدائين رهندا.

مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ﴿١٠٧﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا
جنهنکي گهري رب تنهنجو، بيشڪ تنهنجو رب بلڪل ڪندڙ آهي جو چاهي. پر جيڪي سياڳا آهن
جو تہ تنهنجو پالڻهار جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي. ۽ جيڪي نيڪ بخت ڪيا ويا سي بهشت ۾ (گهڙندا

فَفِی الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا
پوءِ اهي جنت ۾ هوندا هميشہ رهندا اتي جيستائين هوندا آسمان ۽ زمين مگر
۽) جيترو وقت تنهنجي پالڻهار گهريو اُن ڪان سواءِ آسمانن ۽ زمين جي بقاءَ هجڻ تائين منجهس سدائين رهندا

مَا شَآءَ رَبُّكَ ۭ عَطَآءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ ﴿١٠٨﴾ فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّمَّا يَعْبُدُ
جو گهري رب تنهنجو. ڏيندو انعام اڻ ڪُٽ. پوءِ نہ هُج تون شڪ ۾ ان ڪان جنهن جي پوڄا ڪن
(اها) بخشش اڻ ڪٽ آهي. تنهن ڪري اِهي جيڪا پوڄا ڪندا آهن تنهن ڪان تون شڪ ۾ نہ رهہ.

هٰٓؤُلَآءِ ۭ مَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا كَمَا يَعْبُدُ اٰبَاۗؤُهُمْ مِّنْ قَبْلُ ۭ وَاِنَّا
اهي. نہ ٿا پوڄا ڪن مگر جيئن پوڄا ڪندا هئا انهن جا ابا ڏاڏا اڳي. ۽ اسين
جهڙو سندن ابا ڏاڏا اڳ پوڄيندا هئا ان ڪان سواءِ اِهي نہ پوڄيندا آهن. ۽ اسين

لَمُوَفُّوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ غَيْرَ مَنْقُوْصٍ ﴿١٠٩﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ ع ٩
پورو ڏيندڙ اسون انهن کي سندن حصو نہ اوُورو. ۽ ڏنوسون موسيٰ کي ڪتاب
کين اڻ کٽ (عذاب جي) حصو پورو ڏيندڙ آهيون. ۽ بيشڪ موسيٰ کي ڪتاب ڏنوسون پوءِ منجهس

فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ۭ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۭ
پوءِ مخالفت ڪئي وئي ان ۾. ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها ٻول اڳي ٿيل تنهنجي رب جو تہ فيصلو ٿي وڃي ها انهن ۾.
اختلاف پيو. جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو حڪم اڳي نہ ٿي چڪي ها تہ سندن وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها.

وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿١١٠﴾ وَاِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمْ رَبُّكَ
۽ اهي آهن شڪ ۾ ان ڪان جو ٻچي قرار ڪندڙ آهي. ۽ بيشڪ سڀني کي تنهن وقت ضرور پورا پري ڏيندن تنهنجو رب
۽ اُهي ان کان وڏي شڪ ۾ پيل آهن. ۽ جنهن مهل (اَٿاريا ويندا تنهن مهل) سڀ ڪنهن کي تنهنجو پالڻهار سندن اعمالن جو پورو بدلو ڏيندو.

اَعْمَالَهُمْ ۭ اِنَّهٗ بِمَا يَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١١١﴾ فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ وَمَنْ تَابَ مَعَكَ
سندن عمل، اهو سندن عملن جي خبر رکندڙ آهي. پوءِ سڌو ٿي رهہ جيئن توکي حڪم ٿيو آهي ۽ اهي بہ جيڪي موٽيا توسان گڏ
جو تہ جيڪي ڪندا آهن، تنهن جي اهو خبر رکندڙ آهي. پوءِ جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي تيئن تون محڪم رهہ ۽ جن تو ساڻ

وَلَا تَطْغَوْا ۭ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿١١٢﴾ وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا
۽ نہ اڳي پوءِ ٿيو، بيشڪ اهو توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ نہ لاڙو ڪريو ظالمن ڏانهن
توبهہ ڪئي (سي بہ محڪم رهن) ۽ حد کان نہ لنگهو، جو تہ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. ۽ ظالمن

فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ ۙ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ
نہ تہ لڳندي توهان کي باهہ ۽ ناهن توهان لاءِ الله کان سواءِ ڪي واهرو
ڏانهن لاڙو نہ ڪريو نہ تہ اوهان کي باهہ لڳندي ۽ الله کان سواءِ ڪو اوهان جو دوست نہ آهي.

ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَزُلَفًا
پوءِ توهان مدد نہ ڪيا ويندؤ. ۽ قائم ڪر نماز ٻئي پاسا ڏينهن جا ۽ ڪي ڀاڱا
وري مدد نہ ڏبو. ۽ ڏينهن جي اڳياڙيءَ ۽ پوياڙيءَ جي وقتن ۾ ۽ ڪو وقت رات ۾ (بہ) نماز پڙهہ.

مِّنَ الَّيْلِ ؕ اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰكِرِيْنَ ۚ ١١٤

رات جا. بيشڪ چڱايون پري ڪنديون آهن براين کي. اها نصيحت آهي نصيحت وٺندڙن لاءِ.

چو ته چڱايون مداين کي نيندڙيون آهن. نصيحت وٺندڙن لاءِ اها نصيحت آهي.

وَاصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ١١٥ فَلَوْلَا كَانَ

۽ صبر ڪريو پوءِ الله نه ٿو وڃائي اجورو چڱائي ڪندڙن جو پوءِ ڇو نه ٿيا

۽ صبر ڪر چو ته الله ڀلارن جو اجر نه وڃائيندو آهي. پوءِ اوهان کان اڳ اڳين

مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْ قَبْلِكُمْ اُولُوْا بَقِيَّةٍ يَّنْهَوْنَ عَنِ الْفَسَادِ

توهان کان اڳين قومن مان سمجهه پريا جيڪي جهلن ها فساد کان

صدين وارن مان (گهڻا) سمجهه پريا ڇو نه ٿيا؟ جو (ماڻهن کي) ملڪ ۾ فساد (وجهڻ) کان جهلين ها

فِى الْاَرْضِ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّنْ اَنْجَيْنَا مِنْهُمْ ۚ وَاتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا

ملڪ ۾ مگر ٿورا هئا جن کي بچايوسون انهن مان. ۽ ڪيڏ لڳا ظالم

پر ڪي ٿورڙا ٿيا جن کي منجهانئن بچايوسون ۽ جيڪي ظالم هئا سي جنهن (مال) ۾ آسودا ڪيا ويا

مَآ اُتْرِفُوْا فِيْهِ وَكَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ١١٦ وَمَا كَانَ رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرٰى

ان کي جنهن ۾ ڪين عيش مليو ۽ هئا ڏوهاري. ۽ ناهي تنهنجو رب جو اجاڙي ڳوٺن کي

تنهن جي پٺيان لڳا ۽ اهي ڏوهاري هئا. ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پالڻهار اهڙو نه آهي جو ڳوٺن (وارن) کي

بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا مُصْلِحُوْنَ ١١٧ وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَجَعَلَ النَّاسَ

ظلم سان ۽ هجن اتي وارا سڌارو ڪندڙ. ۽ جيڪڏهن گهري ها تنهنجو رب ته ڪري ها ماڻهن کي

سندن سڌريل رهاڪن هوندي ظلم سان ناس ڪري ڇڏي. ۽ جيڪڏهن تنهنجو پالڻهار گهري ها ته (سڀني) ماڻهن کي

اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلَا يَزَالُوْنَ مُخْتَلِفِيْنَ ١١٨ ۙ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ رَبُّكَ ؕ

جماعت هڪڙي ۽ اهي هميشه رهندا اختلاف ڪندڙ. مگر جنهن تي ٻاجهه ڪري تنهنجو رب.

(هڪ ئي) امت ڪري ها ۽ (اهي) سدائين اختلاف ڪندا رهندا. پر جن تي تنهنجي پالڻهار رحم ڪيو (سي

وَلِذٰلِكَ خَلَقَهُمْ ؕ وَتَمَّتْ كَلِمَةُ رَبِّكَ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ

۽ انهيءَ لاءِ پيدا ڪيائين انهن کي. ۽ پوري ٿي ڳالهه تنهنجي رب جي ته ضرور ڀريندس دوزخ کي

هڪ ئي دين تي رهندا)، ۽ ڪين انهيءَ لاءِ الله پيدا ڪيو آهي، ۽ تنهنجي پالڻهار جو (هيءُ) ٻول پورو ٿيو ته

مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ١١٩ وَكُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ

جنن ۽ ماڻهن سيني مان. ۽ سڀ بيان ڪيون ٿا توتي اهي خبرون

جنن ۽ ماڻهن مان گڏي دوزخ ضرور ڀريندس. ۽ (اي پيغمبر!) پيغمبرن جي خبرن مان تو وٽ اوترو

الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ ۚ وَجَآءَكَ فِيْ هٰذِهِ الْحَقُّ وَ

رسولن جون جن سان قرار ونابون ٿا تنهنجي قلب کي، ۽ آيو تووٽ هن ۾ حق ۽

بيان ڪريون ٿا جنهن سان تنهنجي دل کي مضبوط ڪريون. ۽ اُنهن (خبرن) ۾، حق ۽

مَوْعِظَةٌ وَّ ذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٠﴾ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ اعْمَلُوْا

وعظ ۽ يادگيرو مومنن لاءِ. ۽ چئو انهن کي جي ايمان نہ ٿا آڻين تہ ڪم ڪريو توهان

مومنن لاءِ نصيحت ۽ سمجهاڻي تو وٽ آئي آهي. ۽ (اي پيغمبر) جيڪي نہ مڃيندا آهن تن کي چئو تہ اوهين

عَلٰى مَكَانَتِكُمْ ؕ اِنَّا عٰمِلُوْنَ ﴿١٢١﴾ وَانْتَظِرُوْا ۚ اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٢٢﴾ وَلِلّٰهِ

پنهنجي جاءِ تي اسين بہ ڪم ڪندڙ آهيون. ۽ اوسيئڙو ڪريو، اسان بہ اوسيئڙو ڪندڙ آهيون. ۽ الله لاءِ آهي

پنهنجي جاءِ تي عمل ڪريو اسين (بہ) عمل ڪندڙ آهيون. ۽ انتظار ڪريو، اسين (بہ) انتظار ڪندڙ آهيون. ۽

غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاِلَيْهِ يُرْجَعُ الْاَمْرُ كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ

ڳجهہ آسمانن ۽ زمين جو ۽ ان ڏانهن ئي موٽايو وڃي ٿو معاملو سارو پوءِ عبادت ڪر انهيءَ جي

آسمانن ۽ زمين جو ڳجهہ رڳو الله کي (معلوم) آهي ۽ سڀ ڪم ڏانهس موٽايا ويندا آهن. پوءِ سندس عبادت

وَ تَوَكَّلْ عَلَيْهِ ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٣﴾ ع ١٠

۽ ڀروسو ڪر ان تي، ۽ ناهي تنهنجو رب بي خبر توهان جي عملن کان.

ڪر ۽ مٿس ڀروسو رک، ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن کان تنهنجو پالڻهار بي خبر نہ آهي.

سُوْرَةُ يُوْسُفَ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١١١ رُكُوْعَاتُهَا ١٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓرٰ ۫ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿١﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ

الرٰ. هي آيتون آهن ڪتاب بيان ڪندڙ جون. بيشڪ اسان نازل ڪيو ان کي قرآن عربي ڪري جيئن توهان

الرا. هي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن. ۽ بيشڪ اسان ان کي قرآن عربي (ٻوليءَ وارو) نازل ڪيو تہ مان

تَعْقِلُوْنَ ﴿٢﴾ نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ اَحْسَنَ الْقَصَصِ بِمَآ اَوْحَيْنَآ

سمجهو. اسان ٻڌايون ٿا تو کي تمام سٺو قصو جو اسان وحي ڪيو آهي

اوهين سمجهو. (اي پيغمبرا) اسين تو ڏانهن هن قرآن کي پنهنجي وحي موڪلڻ سان

اِلَيْكَ هٰذَا الْقُرْاٰنَ ۖ وَاِنْ كُنْتَ مِنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿٣﴾

تو ڏانهن هي قرآن ۽ تون هئين انهيءَ کان اڳ ۾ البت بي خبرن مان.

تمام سهڻو قصو تو کي پڙهي ٻڌايون ٿا ۽ جڏهن تہ (تون) هن کان اڳ بيشڪ بيخبرن مان هئين.

اِذْ قَالَ يُوْسُفُ لِاَبِيْهِ يٰۤاَبَتِ اِنِّىْ رَاَيْتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا وَّ

جڏهن چيو يوسف پنهنجي پيءُ کي اي منهنجا ابا بيشڪ مون ڏٺا يارهن ستارا ۽

(ياد ڪر!) جڏهن يوسف پنهنجي پيءُ کي چيو ته اي (منهنجا) ابا! مون يارهن تارا ۽

الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ رَاَيْتُهُمْ لِىْ سٰجِدِيْنَ ④ قَالَ يٰبُنَىَّ لَا تَقْصُصْ

سج ۽ چنڊ، ڏٺم انهن کي مون ڏانهن سجدو ڪندي. چيائين اي پٽڙا نه پڌائج

سج ۽ چنڊ ڏٺا. انهن کي ڏٺم ته مون کي ٿا سجدو ڪن. (يعقوب) چيو ته اي منهنجا پٽڙا! پنهنجو خواب

رُءْيَاكَ عَلٰۤى اِخْوَتِكَ فَيَكِيْدُوْا لَكَ كَيْدًا ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لِلْاِنْسَانِ

پنهنجو خواب پنهنجن ڀائرن کي پوءِ رٿيندا تولاءِ ڪومڪر، بيشڪ شيطان ماڻهوءَ جو

پنهنجن ڀائرن وٽ بيان نه ڪج نه ته تولاءِ ڪو فند ڦيريندا_ ڇو ته شيطان انسان جو

عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ⑤ وَكَذٰلِكَ يَجْتَبِيْكَ رَبُّكَ وَيُعَلِّمُكَ مِنْ تَاْوِيْلِ

دشمن پڌرو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح چونڊيندو توکي تنهنجو رب ۽ سيکاريندو توکي تعبير

پڌرو ويري آهي. ۽ اهڙيءَ طرح تنهنجو پالڻهار توکي سڳورو ڪندو ۽ توکي خوابن جو تعبير سيکاريندو

الْاَحَادِيْثِ وَيُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَعَلٰۤى اٰلِ يَعْقُوْبَ كَمَاۤ اَتَمَّهَا

ڳالهين جو ۽ پوري ڪندو پنهنجي نعمت توتي ۽ يعقوب جي گهراڻي تي جيئن پوري ڪيائين اها

۽ پنهنجي نعمت توتي ۽ يعقوب جي اولاد تي (ائين) پوري ڪندو جيئن

عَلٰۤى اَبَوَيْكَ مِنْ قَبْلُ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ⑥ ع

تنهنجي ابي ڏاڏي تي اڳ ۾ ابراهيم ۽ اسحاق تي، بيشڪ تنهنجو پروردگار علم وارو حڪمت وارو آهي.

اڳ تنهنجي پيءُ ڏاڏي ابراهيم ۽ اسحاق تي پوري ڪيائين.بيشڪ تنهنجو پالڻهار ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

ع ٢

لَقَدْ كَانَ فِىْ يُوْسُفَ وَاِخْوَتِهٖۤ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيْنَ ⑦ اِذْ قَالُوْا

يقينن آهن يوسف ۽ ان جي ڀائرن ۾ نشانيون پڇا ڪندڙن لاءِ. جڏهن چيائون

بيشڪ يوسف ۽ سندس ڀائرن (جي قصي) ۾ پڇندڙن لاءِ (گهڻيون) نشانيون آهن. جڏهن (پاڻ ۾) چيائون

لَيُوْسُفُ وَاَخُوْهُ اَحَبُّ اِلٰۤى اَبِيْنَا مِنَّا وَنَحْنُ عُصْبَةٌ ؕ اِنَّ اَبَانَا

ته يوسف ۽ ان جو ڀاءُ وڌيڪ پيارا آهن اسانجي ابي کي اسان کان ۽ اسين آهيون سگهارو جٿو. بيشڪ اسانجو پيءُ آهي

ته بيشڪ يوسف ۽ سندس (سڳو) ڀاءُ (بنيامين) اسان جي پيءُ وٽ اسان کان وڌيڪ پيارا آهن. جيتوڻيڪ اسين (گهڻا جٿا) وڏو جٿو آهيون. بيشڪ

لَفِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنِ ۙ ⑧ صلے اقْتُلُوْا يُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا يَّخْلُ لَكُمْ

ڀُل پڌري ۾. ماريو وجهو يوسف کي يا ڦٽو ڪريوس ڪنهن ملڪ ۾ ته نجو ٿئي توهان لاءِ

اسان جو پيءُ پڌري ڀُل ۾ آهي. (هاڻي گهرجي ته) يوسف کي ڪُهو يا ڪيس ڪنهن ملڪ ۾ ڦٽي ڪري اچو ته

وَجْهُ اَبِيْكُمْ وَتَكُوْنُوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِيْنَ ⑨ قَالَ قَآئِلٌ

رُخُ توهان جي پيءُ جو ۽ ٿي پئجو ان کان پوءِ ماڻهو صالح. چيو هڪ چوندڙ

اوهان جي پيءُ جي توجہ رڳو اوهان لاءِ ٿئي ۽ اُن (ڪم) کان پوءِ اوهين سڌريل ٿجو. منجهائن (هڪ) چوندڙ چيو

مِّنْهُمْ لَا تَقْتُلُوْا يُوْسُفَ وَاَلْقُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ يَلْتَقِطْهُ بَعْضُ

انهن مان نہ قتل ڪريو يوسف کي ۽ اڇليو انکي کوہ کوهہ جي ۾ تہ کڻي ان کي ڪو

تہ يوسف کي نہ ماريو ۽ جيڪڏهن (ڪجهہ) ڪندڙ آهيو تہ کوهہ جي تري ۾ (کڻي) اڇلايوس

السَّيَّارَةِ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ⑩ قَالُوْا يٰۤاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاْمَنَّا عَلٰى

قافلي وارو جيڪڏهن آهيو ڪم ڪندڙ. چيائون اي ابا اسان جا ڇا ٿيو آهي توکي جو نہ ٿو پت ڪرين اسان تي

تہ ڪو واٽهڙو ڪيس ڪڍي ويندو. (يعقوب کي) چيائون تہ اي بابا! توکي ڇا ٿيو آهي جو يوسف جي باري ۾

يُوْسُفَ وَاِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ ⑪ اَرْسِلْهُ مَعَنَا غَدًا يَّرْتَعْ وَيَلْعَبْ

يوسف لاءِ ۽ اسين ان جا خير گهُرا آهيون. ڇڏ انهيءَ کي اسان سان گڏ سڀاڻي تہ ميوا چُونڊي ۽ راند ڪيڏي

توکي اسان تي ڪو ڀروسو نہ ٿو ٿئي حالانڪ اسين سندس خيرخواهہ آهيون. سڀاڻي اسان ساڻ ڪيس ڇڏ تہ کائي ۽ ڪيڏي

وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ⑫ قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْۤ اَنْ تَذْهَبُوْا بِهٖ وَاَخَافُ

۽ اسان ان جي سنڀال ڪندا سون. چيائين بيشڪ ڏکائي ٿو مونکي توهان جو وٺي وڃڻ ان کي ۽ آءٌ ڊڄان ٿو

۽ اسين سندس نگهبان آهيون. (يعقوب) چيو تہ اوهان جو ڪيس نئڻ مون کي ضرور مونجهو ٿو ڪري

اَنْ يَّاْكُلَهُ الذِّئْبُ وَاَنْتُمْ عَنْهُ غٰفِلُوْنَ ⑬ قَالُوْا لَئِنْ اَكَلَهُ

متان کائي ان کي بگهڙ ۽ توهين هجو انهيءَ کان بي خبر. چيائون جيڪڏهن کاڌو انکي

۽ ڊڄان ٿو تہ (متان) ڪيس بگهڙ کائي ۽ اوهين کانئس بيخبر هجو. چيائون تہ اسان جي (گهڻن ڄڻن جي)

الذِّئْبُ وَنَحْنُ عُصْبَةٌ اِنَّاۤ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ⑭ فَلَمَّا ذَهَبُوْا بِهٖ وَ

ڪنهن بگهڙ هوندڙن اسين آهيون ٽولو طاقتور تہ اسين انهيءَ مهل بيڪار آهيون. پوءِ جڏهن وٺي ويا ان کي ۽

وڏي ٽولي هوندي بہ جيڪڏهن ڪيس بگهڙ کاڌو تہ اسين انهيءَ مهل ضرور ٽوٽي وارا هوندا سون. پوءِ جنهن مهل

اَجْمَعُوْۤا اَنْ يَّجْعَلُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ ۚ وَاَوْحَيْنَاۤ اِلَيْهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمْ

پاڻ ۾ پڪي ڪيائون تہ وجهن ان کي تري کوهہ جي ۾، ۽ وحي ڪيوسون ان ڏانهن تہ ضرور تون خبر ڏيندين انهن کي

ڪيس نيائون (تنهن مهل) هن کي کوهہ جي تري ۾ اڇلڻ تي اتفاق ڪيائون ۽ اسان ان ڏانهن وحي ڪيوسون تہ

بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ⑮ وَجَآءُوْۤ اَبَاهُمْ عِشَآءً يَّبْكُوْنَ ⑯ ط

سندن انهيءَ ڪم جي ۽ اهي (توکي) نہ سڃاڻندا. ۽ آيا پنهنجي پيءُ وٽ رات جو روئندا.

سندن هن واقعي جي ڪين ضرور خبر ڏيندين ۽ اهي (توکي) نہ ڄاڻندا. ۽ پنهنجي پيءُ وٽ رات جو روئندا آيا.

قَالُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّا ذَهَبْنَا نَسْتَبِقُ وَتَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا

چيائون اي ابا اسانجا اسان وياسون ڊوڙ پورائڻ ۽ ڇڏيوسون يوسف کي پنهنجي سامان وٽ

چيائون ته اي بابا! اسين گوءِ پچڻ وياسون ۽ يوسف کي پنهنجن سامانن تي ڇڏيوسون

فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ لَّنَا وَلَوْ كُنَّا صٰدِقِيْنَ ﴿١٧﴾

پوءِ کائي ويو ان کي بگهڙ، ۽ نه آهين تون پتڪندڙ اسان تي توڻي هجون سچا.

پوءِ ان کي بگهڙ کاڌو ۽ توڻي اسين سچا آهيون ته به تون اسان تي پت ڪندڙ نه ٿيندين.

وَجَآءُوْ عَلٰى قَمِيْصِهٖ بِدَمٍ كَذِبٍ ۭ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ

۽ آنداءُون ان جي چولي تي رت ڪوڙو، چيائين نه، پر ٺاهي آهي توهان لاءِ

۽ سندس پهراڻ تي ڪوڙو رت لائي آنداءُون. (يعقوب) چيو ته (ائين نه آهي) بلڪ اوهان جي نفسن اوهان لاءِ (اُن) ڳالهه کي ٺاهيو آهي

اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ۭ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ۭ وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿١٨﴾

توهان جي نفسن اها ڳالهه، پوءِ صبر بهتر آهي، ۽ الله کان ئي مدد گهربل آهي ان تي جيڪي توهان چئون ٿا.

تنهن ڪري (مون کي) چڱو صبر ڪرڻ گهرجي. ۽ جيڪي اوهين بيان ڪري رهيا آهيو تنهن تي الله کان ئي مدد گهري وڃي ٿي.

وَجَآءَتْ سَيَّارَةٌ فَاَرْسَلُوْا وَارِدَهُمْ فَاَدْلٰى دَلْوَهٗ ۭ قَالَ يٰبُشْرٰى

۽ آيو ڪو قافلو پوءِ موڪليائون پنهنجي پاڻي واري کي پوءِ انهيءَ لڙڪايو ڏول پنهنجو، چيائين واهه ڀلائي

۽ (اُن کوهه تي) قافلو آيو پوءِ پنهنجي پاڻي پريندڙ کي موڪليائون جنهن پنهنجو ڏول وڌو، چيائين وهه واهه!

هٰذَا غُلٰمٌ ۭ وَاَسَرُّوْهُ بِضَاعَةً ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾ وَ

هيءَ ته ڇوڪرو آهي، ۽ لڪايائون ان کي واپار جو مال ڪري، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي اهي ڪن ٿا. ۽

هي ٺينگر آهي! ۽ کيس هڪ (چڱي) موڙي سمجهي لڪايائون. ۽ جيڪي ڪيائون ٿي سو الله ڄاڻندڙ هو. ۽

شَرَوْهُ بِثَمَنٍۢ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍ ۚ وَكَانُوْا فِيْهِ مِنَ الزّٰهِدِيْنَ ﴿٢٠﴾

وڪيائون ان کي رقم ٿوريءَ تي ڪي پائليون ڳاڻيٽيون، ۽ هئا انهيءَ کان پاسيرا.

کيس (پائرن) هلڪيءَ بها سان وڪيو جو ڪي چند درهم هئا ۽ سندس حق ۾ بيزاري (ظاهر) ڪندڙ هئا.

وَقَالَ الَّذِي اشْتَرٰىهُ مِنْ مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖٓ اَكْرِمِيْ مَثْوٰىهُ عَسٰٓى

۽ چيو انهيءَ جنهن خريد ڪيو ان کي مصر مان پنهنجي زال کي ته سٺي ڪر انهيءَ جي رهائش شايد

۽ مصر وارن مان جنهن کيس خريد ڪيو تنهن پنهنجي زال (زليخا) کي چيو ته هن جي چڱي تعظيم ڪج! متان

اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ۭ وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْاَرْضِ

نفعو ڏئي اسان کي يا ٺاهيون ان کي پٽ، ۽ اهڙي طرح رهايوسون يوسف کي ان ملڪ ۾

اسان کي ڪو فائدو ڏئي يا کيس پٽيلو ڪري رکون، ۽ اهڙيءَ طرح يوسف کي مصر ۾ جاءِ ڏني سون

الثلثة

ع ٢ / ١٢

وَلِنُعَلِّمَهٗ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ؕ وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰٓى اَمْرِهٖ

۽ جيئن سيکاريون ان کي تعبير خوابن جو. ۽ الله زور آهي پنهنجي ڪم ۾

۽ هن لاءِ ته کيس خوابن جو تعبير سيکاريون. ۽ الله پنهنجي ڪم تي غالب آهي پر گهڻا

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢١﴾ وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗۤ اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا

پر ڪيترا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ۽ جڏهن پهتو پنهنجي جوانيءَ کي ته ڏنيسون ان کي سمجهه

ماڻهو نه ڄاڻندا آهن. ۽ جڏهن (يوسف) پنهنجي جوانيءَ کي پهتو (تنهن مهل) کيس حڪمت ۽ علم ڏنوسون.

وَّعِلْمًا ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٢﴾ وَرَاوَدَتْهُ الَّتِىْ هُوَ فِىْ

۽ علم. ۽ اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون چڱائي وارن کي. ۽ خواهش ڪئي انهيءَ کان ان عورت جنهن جي

۽ اهڙيءَ طرح ڀلارن کي بدلو ڏيندا آهيون. ۽ جنهن مائيءَ جي گهر ۾ اهو هو تنهن سندس نفس کي راضي ٿي

بَيْتِهَا عَنْ نَّفْسِهٖ وَغَلَّقَتِ الْاَبْوَابَ وَقَالَتْ هَيْتَ لَكَ ؕ قَالَ

گهر ۾ هئو سندس نفس جي ۽ بند ڪيائين دروازا ۽ چيائين هيڏي اچ. چيائين

۽ دروازا بند ڪيائين ۽ چيائين ته اوري اَءُ! (يوسف) چيو ته الله جي پناهه (گهريم)! انهيءَ

مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّىْۤ اَحْسَنَ مَثْوَاىَ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾

الله جي پناهه بيشڪ اهو منهنجو نپائيندڙ آهي چڱي ڪيائين رهائش منهنجي. بيشڪ نه ڪامياب ٿيندا آهن ظالم.

منهنجي نپائيندڙ (يعني عزيز) مون کي چڱي هنڌ رکيو آهي. هيءَ (ڳالهه) سچي آهي ته ظالم نه ڇٽندا.

وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَهَمَّ بِهَا لَوْلَآ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ ؕ كَذٰلِكَ

يقينن ارادو ڪري چڪي هئي انهيءَ جو ۽ اهو به ارادو ڪري ها، جي نه ڏسي ها طاقت پنهنجي رب جي، ائين ٿئي ٿيو

۽ بيشڪ (اها) ان ڏانهن لڙي ۽ (يوسف به) ان ڏانهن لڙين جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جو دليل نه ڏسي ها (ته جيڪي ٿيڻو هو سو

لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْٓءَ وَالْفَحْشَآءَ ؕ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٢٤﴾

جيئن ڦيرايون ان کان برائي ۽ بيحيائيءَ کي. بيشڪ اهو هئو اسان جي ٻانهن نجن مان.

ٿئي ها) اهڙيءَ طرح (انهيءَ ڪري ٿيو) ته جيئن بڇڙائي ۽ بي حيائي کانئس ٽاريون. سچ آهي ته اهو اسان جي خالص ٻانهن مان هو.

وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ قَمِيْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّاَلْفَيَا سَيِّدَهَا لَدَا الْبَابِ ؕ

۽ ڀڄي ڊوڙيا دروازي ڏانهن ۽ ڦاڙيائين انجو چولو پٺ کان ۽ مليا انهيءَ جي مڙس سان دروازي وٽ.

۽ ٻئي دروازي ڏانهن ڊوڙيا ۽ مائيءَ ان (يوسف) جو پهراڻ پٺيءَ کان (ڇڪ ڏيندي) ڦاڙي وڌو ۽ سندس مڙس کي دروازي وٽ مليا.

قَالَتْ مَا جَزَآءُ مَنْ اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْٓءًا اِلَّآ اَنْ يُّسْجَنَ اَوْ

چيائين ڪهڙي سزا آهي ان جي جيڪو ارادو ڪري تنهنجي گهر ۾ برائي جو مگر هي ته ان کي جيل ڏجي يا

(زليخا) چوڻ لڳي ته جيڪو تنهنجي گهرواريءَ سان مدائي ڪرڻ جو ارادو ڪري تنهن جي سزا قيد ڪرڻ يا

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾ قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ عَنْ نَّفْسِيْ وَشَهِدَ شَاهِدٌ

سزا ڏکائيندڙ. چيائين انهيءَ ئي خواهش ڪئي مون کان منهنجي نفس جي ۽ طريقو ٻڌايو هڪڙي حاضر

ڏکائيندڙ عذاب ڏيڻ کان سواءِ (ٻي ڪا) نہ آهي. (يوسف) چيو تہ اها پاڻ مون کي منهنجي نفس کان راڻي رهي هئي، ۽

مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ

ان عورت جي ماڻهن مان، جيڪڏهن آهي چولوان جو ڦاٽل اڳ کان پوءِ هيءَ سچي آهي

سندس گهر جي ڀاتين مان هڪ شاهد شاهدي ڏني، تہ جيڪڏهن هن جو پهراڻ اڳ کان ڦاڙيو ويو آهي تہ (زليخا) سچي ۽ اهو

وَهُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٦﴾ وَاِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ

۽ اهو آهي ڪوڙ ڳالهائيندڙن مان. ۽ جيڪڏهن آهي چولوان جو ڦاٽل پٺ کان پوءِ هيءَ ڪوڙي آهي

ڪوڙن مان آهي. ۽ جيڪڏهن سندس پهراڻ پٺيءَ کان ڦاڙيو ويو آهي تہ (زليخا) ڪوڙي

وَهُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٧﴾ فَلَمَّا رَاٰ قَمِيْصَهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ قَالَ اِنَّهٗ

۽ اهو آهي سچ چوندڙن مان. پوءِ جڏهن ڏٺائين چولوان جو ڦاٽل پٺ کان چيائين بيشڪ اهو

۽ اهو سچن مان آهي. جنهن مهل (عزيز) پهراڻ پٺيءَ کان ڦاٽل ڏٺو (تنهن مهل) چيائين تہ اهو (چوڻ)

مِنْ كَيْدِكُنَّ ؕ اِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ يُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ۜ سكتة

مڪر آهي توهان عورتن جو، يقينن توهان جو مڪر تمام وڏو آهي. اي يوسف! ڇڏ انهيءَ ڳالهہ کي

اوهان (رنن) جي مڪر مان آهي، ڇو تہ اوهان جو مڪر وڏو آهي. (اي يوسف!) اِن (ڳالهہ) مان منهن موڙ!

وَاسْتَغْفِرِيْ لِذَنْۢبِكِ ۖۚ اِنَّكِ كُنْتِ مِنَ الْخٰطِـِٕيْنَ ﴿٢٩﴾ ع وَقَالَ نِسْوَةٌ ٣ ع ٩ ١٢

۽ تون بہ معافي وٺ پنهنجي گناهہ جي، بيشڪ تون ئي گناهہ واري آهين. ۽ چوڻ لڳيون عورتون

۽ (اي زليخا!) تون (بہ) پنهنجي گناهہ جي بخشش گهر! ڇو تہ تون ئي خطا وارن مان آهين. ۽ شهر ۾ ڪيترين عورتن ٻچاريو تہ عزيز

فِي الْمَدِيْنَةِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنْ نَّفْسِهٖ ۚ قَدْ شَغَفَهَا

شهر جون تہ زال عزيز جي ڏتاري ٿي پنهنجي ٻانهي کي سندس نفس کان، جو مست ڪيو ان کي

جي زال پنهنجي جوان ٻانهي کي سندس نفس کان (بڇڙي ڪم لاءِ) راڻيندي آهي، بيشڪ (يوسف جو) پيار سندس دل ۾ ويهي ويو آهي،

حُبًّا ؕ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾ فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ اَرْسَلَتْ

محبت. اسين ڏسون ٿيون ان کي غلطي پڌري ۾. پوءِ جڏهن ٻڌائين نموني بازي انهن جي ماڻهو موڪليائين

اسين کيس ضرور پڌريءَ گمراهيءَ ۾ ڏسنديون آهيون. پوءِ جنهن مهل (زليخا) سندن گلا ڪرڻ ٻڌي (تنهن

اِلَيْهِنَّ وَاَعْتَدَتْ لَهُنَّ مُتَّكَاً وَّاٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا

انهن ڏانهن ۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ دعوت ۽ ڏنائين هر هڪ کي انهن مان ڇُري

مهل) انهن ڏانهن (ماڻهو) موڪليائين ۽ انهن لاءِ مجلس تيار ڪيائين ۽ منجهانئن هر هڪ کي ڪپ ڏنائين

وَقَالَتِ اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ ۚ فَلَمَّا رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَقَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ

۽ چيائين نڪريءَ اچ اِنهن جي آڏو، پوءِ جڏهن ڏٺائون ان کي وڏو ڄاتائون انهيءَ کي ۽ ڪپي وڌائون پنهنجا هٿ

۽ چيائين ته (اي يوسف!) مٿن نڪرا جنهن مهل ڪيس ڏٺائون ته ڪيس وڏيڪ (سهڻو) ڄاتائون ۽ (سندس حسن

وَقُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ۗ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ﴿٣١﴾ قَالَتْ

۽ چيائون پاڪائي آهي الله جي ناهي هيءُ انسان، هي ته رڳو ملڪ سڳورو آهي. چيائين

۾ محو ٿي) پنهنجا هٿ وڍيائون ۽ چيائون ته الله پاڪ آهي! هيءُ (نينگر) ماڻهو ته نه آهي، پر (هڪ) ملائڪ سڳورو آهي!.(زليخا) چيو

فَذٰلِكُنَّ الَّذِيْ لُمْتُنَّنِيْ فِيْهِ ۗ وَلَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ

هي اٿو اهو جو ملامت ڪئي توهان مونکي انهيءَ ۾، ۽ مان خواهش ڪئي هئي ان کان سندس نفس جي

ته اِهو اهو آهي جنهن (جي محبت) ۾ اوهين مون کي ٽوڪينديون هيون، ۽ بيشڪ سندس نفس کان ڪيس راڄير ٿي

فَاسْتَعْصَمَ ۗ وَلَئِنْ لَّمْ يَفْعَلْ مَاۤ اٰمُرُهٗ لَيُسْجَنَنَّ وَلَيَكُوْنًا

پر پاڻ بچائي ويو، ۽ جيڪڏهن نه ڪندو جيڪي آءٌ چوانس ٿي ته ضرور قيد ڪيو ويندو ۽ البت ٿيندو

پوءِ پاڻ بچايائين. ۽ ڪيس جيڪو حڪم ڪريان ٿي سو جيڪڏهن نه ڪندو ته ضرور قيد ڪيو ويندو ۽ ضرور

مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا يَدْعُوْنَنِيْۤ اِلَيْهِ ۚ

ذليلن مان. چيائين اي منهنجا پروردگار قيد وڌيڪ پسند آهي مون کي ان کان سڏين ٿيون مون کي جنهن طرف،

بي ماڻن مان ٿيندو. (يوسف) چيو ته اي منهنجا پالڻهار! جنهن (ڪم) ڏانهن مون کي سڏين ٿيون تنهن کان قيد

وَاِلَّا تَصْرِفْ عَنِّيْ كَيْدَهُنَّ اَصْبُ اِلَيْهِنَّ وَاَكُنْ مِّنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٣٣﴾

۽ جيڪڏهن نه ٽاريندين مون کان مڪر انهن جو ته لڙي پوندس انهن ڏانهن ۽ ٿي پوندس جاهلن مان.

مون کي وڌيڪ پسند آهي ۽ جيڪڏهن سندن مڪر مون کان نه ٽاريندين ته انهن ڏانهن لڙندس ۽ جاهلن مان ٿيندس.

فَاسْتَجَابَ لَهٗ رَبُّهٗ فَصَرَفَ عَنْهُ كَيْدَهُنَّ ۗ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ

پوءِ دعا قبول ڪئي ان جي سندس رب پوءِ موڙيائين ان کان مڪر انهن جو، بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ

پوءِ سندس پالڻهار ان جي دعا قبول ڪئي ۽ ڪانئس انهن جو مڪر ٽاريائين. بيشڪ اهو ئي ٻڌندڙ

الْعَلِيْمُ ﴿٣٤﴾ ثُمَّ بَدَا لَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا رَاَوُا الْاٰيٰتِ لَيَسْجُنُنَّهٗ

ڄاڻندڙ آهي. پوءِ خيال آيو انهن کي ان کان پوءِ جو ڏٺائون حالات ته ضرور بند رکن ان کي

ڄاڻندڙ آهي. وري به نشانين جي ڏسڻ کان پوءِ کين هيءُ (ڳالهه) نظر آئي ته ڪجهه وقت تائين کيس ضرور قيد ۾ وجهن.

حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٣٥﴾ ع وَدَخَلَ مَعَهُ السِّجْنَ فَتَيٰنِ ۗ قَالَ اَحَدُهُمَاۤ اِنِّيْۤ اَرٰىنِيْۤ

ڪجهه وقت تائين. ۽ داخل ٿيا ان سان گڏ قيد ۾ ٻه نوجوان، چيو انهن ٻنهي مان هڪڙي ته آءٌ ڏسان ٿو پاڻ کي ته

۽ ساڻس ٻه جوان قيد ۾ گهڙيا. انهن مان هڪ چيو ته مون پاڻ کي (ننڊ ۾) ڏٺو

اَعْصِرُ خَمْرًا ۚ وَقَالَ الْاٰخَرُ اِنِّيْٓ اَرٰىنِيْٓ اَحْمِلُ فَوْقَ رَاْسِيْ خُبْزًا

نپوڙي ڪيان ٿو شراب، ۽ ٻيو چيو ته آءٌ ڏسان ٿو پاڻ کي ته کڻان ٿو پنهنجي مٿي تي ماني

ته شراب نپوڙيان ٿو، ۽ ٻئي چيو ته مون پاڻ کي مٿي تي ماني کڻندو ۽ منجهانئس

تَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْهُ ۭ نَبِّئْنَا بِتَاْوِيْلِهٖ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝٣٦

جو کائن ٿا پکي انهيءَ مان، ٻڌاءِ اسان کي مطلب ان جو، اسين ڏسون ٿا توکي ڀلارن مان،

پکين کي کائيندو ڏٺو. اسان کي ان جي تعبير جي خبر ڏي، بيشڪ اسين توکي ڀلارن مان ڏسون ٿا.

قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖٓ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ قَبْلَ اَنْ

چياٸين نه ايندو اوهان وٽ کاڌو جو ملندو آهي توهان کي مگر آءٌ ٻڌائيندس اوهان کي مطلب ان جو اڳي هن کان جو

(يوسف) چيو ته جيڪو طعام اوهين کارايا ويندا آهيو سو اوهان وٽ ايندو ئي نه پر اوهان وٽ ان جي اچڻ کان اڳي ئي سندس تعبير آءٌ اوهان کي ڏسيندس.

يَّاْتِيَكُمَا ۭ ذٰلِكُمَا مِمَّا عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ۭ اِنِّيْ تَرَكْتُ مِلَّةَ قَوْمٍ

اچي اوهان وٽ. هيءُ اٿوَ ان مان جيڪي سيکاريو مونکي منهنجي رب، بيشڪ آءٌ ڇڏيو اٿم دين اهڙن ماڻهن جو

اهو (تعبير ڪرڻ) انهن (ڳالهين) مان آهي جيڪي منهنجي پالڻهار مون کي سيکاريون آهن. بيشڪ مون اُن قوم جي ريت ڦٽي ڪئي آهي جيڪي

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ۝٣٧ وَاتَّبَعْتُ مِلَّةَ

جيڪي نه ٿا مڃين الله کي ۽ اهي آخرت کان انڪار ڪندڙ آهن. ۽ مون ورتو دين پنهنجي

الله کي نه مڃيندا آهن ۽ اهي آخرت جا (به) منڪر آهن. ۽ پنهنجي پيءُ ڏاڏن

اٰبَآءِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ۭ مَا كَانَ لَنَآ اَنْ نُّشْرِكَ

پيءُ ڏاڏن جو ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جو، ناهي جائز اسان لاءِ جو شريڪ ڪريون

ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جي دين جي پيروي ڪئي اٿم. ڪنهن شيءِ کي الله سان شريڪ ڪرڻ اسان کي

بِاللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ ذٰلِكَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ عَلَيْنَا وَعَلَى النَّاسِ

الله سان ڪنهن شيءِ کي، اهو فضل الله جو آهي اسان تي ۽ ماڻهن تي

نه جڳائيندو آهي، اِهو اسان تي ۽ ٻين ماڻهن تي الله جو فضل آهي پر گهڻا ماڻهو شڪرانو

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ۝٣٨ يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ

پر ڪيترا ماڻهو نه ٿا شڪر ڪن اي منهنجا ٻه ساٿي قيد جا! ڇا پاليندڙ

نه ڪندا آهن. اي منهنجا (ٻئي) سنگتي قيدي! (هيءَ ڳالهه سمجهندا آهيو ته) جدا جدا گهڻا رب

مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ۝٣٩ۭ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ

جدا جدا بهتر آهن يا الله واحد القهار؟ نه ٿا پوڄيو اوهان

چڱا آهن يا اڪيلو زبردست الله (چڱو آهي)؟ الله کان سواءِ جن جي اوهين پوڄا ڪندا آهيو

دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ

انهيءَ کان سواءِ مگر ڪي اسم نالا رکيا اٿو جن جا توهان پاڻ ۽ توهان جي ابن ڏاڏن ڪونہ لاٿو آهي

سي رڳو نالا آهن جو اوهان ۽ اوهان جي پيءُ ڏاڏن نالا رکيا آهن. انهن جي بابت الله ڪا سند نازل نہ

اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ط اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ط اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا

الله انهن لاءِ ڪوئي دليل، ناهي حڪومت مگر الله جي، فرمايائين تہ نہ عبادت ڪريو

ڪئي آهي. الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي حڪومت نہ آهي. حڪم ڪيائين تہ خاص اُن (الله) کان سواءِ ڪنهن

اِلَّآ اِيَّاهُ ط ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

مگر انهيءَ جي، اهو دين مضبوط آهي پر ڪيترا ماڻهو

جي عبادت نہ ڪريو. اهوئي دين سڌو آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن.

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٠﴾ يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ اَمَّآ اَحَدُكُمَا فَيَسْقِيْ رَبَّهٗ

نہ ٿا ڄاڻن. اي منهنجا قيدي ساٿيو! هڪڙو توهان ٻنهي مان پياريندو پنهنجي مالڪ کي

اي منهنجا قيدي ساٿيو! اوهان مان هڪڙو پنهنجي بادشاهہ کي شراب پياريندو

خَمْرًا ج وَاَمَّا الْاٰخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْ رَّاْسِهٖ ط

شراب، ۽ باقي ٻيو سو ڦاسي ڏنو ويندو پوءِ کائيندا پکي ان جي مٿيءَ مان.

۽ ٻيو سوريءَ چاڙهيو ويندو پوءِ سندس مٿي مان پکي کائيندا. جنهن بابت پڇا

قُضِيَ الْاَمْرُ الَّذِيْ فِيْهِ تَسْتَفْتِيٰنِ ﴿٤١﴾ ط وَقَالَ لِلَّذِيْ ظَنَّ اَنَّهٗ

پورو ٿي ويو فيصلو اهو جنهن ۾ توهان معلومات گهرو پيا. ۽ چيائين انهيءَ کي جنهن کي ڀانيائين تہ اهو

ڪريو ٿا سو ڪم پورو ٿي ويو. ۽ انهن ٻنهي مان جنهن لاءِ گمان هوس تہ (نيٺ) ڇٽندو تنهن کي

نَاجٍ مِّنْهُمَا اذْكُرْنِيْ عِنْدَ رَبِّكَ ز فَاَنْسٰىهُ الشَّيْطٰنُ ذِكْرَ رَبِّهٖ

ڇُٽندو ٻنهي مان ڳالهہ ڪجانءِ منهنجي پنهنجي مالڪ وٽ پوءِ وسارائي ان کان شيطان ڳالهہ ڪرڻ سندس مالڪ وٽ

چيائين تہ پنهنجي بادشاهہ وٽ مون کي ياد ڪج! پوءِ شيطان سندس بادشاهہ وٽ ڪائنس يادگيري وسارائي ڇڏي.

فَلَبِثَ فِي السِّجْنِ بِضْعَ سِنِيْنَ ﴿٤٢﴾ ع ط وَقَالَ الْمَلِكُ اِنِّيْٓ اَرٰى سَبْعَ ع ٥ ١٥

پوءِ رهيو قيد ۾ ڪيئي ورهيہ. ۽ چيو بادشاهہ آءٌ ڏسان ٿو ست

تنهن ڪري (يوسف) ڪيترائي ورهيہ قيد ۾ رهيو. ۽ بادشاهہ چيو تہ. مون (ننڊ ۾) ست

بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعَ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ

ڳئون ٿلهيون جو کائن ٿيون انهن کي ست ڏٻريون ۽ ست سنگ ساوا

سهريون ڳئون ڏٺيون آهن جن کي ستن ڏٻرين کاڌو ٿي ۽ (ٻيا) ست ساوا سنگ ۽ ٻيا (ست) سُڪا

وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ ؕ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَاُ اَفْتُوْنِيْ فِيْ رُءْيَايَ اِنْ كُنْتُمْ

۽ ٻيا سُڪا، اي ڪچهريءَ وارؤ جواب ڏيو مونکي منهنجي خواب جو جيڪڏهن اوهين

(ڏٺا اٿم). اي سردارو! جيڪڏهن اوهين خواب جو تعبير ڪندا آهيو ته منهنجي خواب جو مون کي تعبير ٻڌايو؟

لِلرُّءْيَا تَعْبُرُوْنَ ﴿٤٣﴾ قَالُوْۤا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ ۚ وَمَا نَحْنُ بِتَاْوِيْلِ

خواب جو تعبير ڪندا آهيو. چيائون اهي موڙهاتيون ڪوڙن خوابن جون آهن ۽ ناهيون اسين معني

چيائون (اهي) پريشان (گنجريل) خواب آهن. ۽ اسين ڪوڙن خوابن جو تعبير نه ڄاڻندا آهيون.

الْاَحْلَامِ بِعٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَقَالَ الَّذِيْ نَجَا مِنْهُمَا وَادَّكَرَ

اهڙن خوابن جي ڄاڻندڙ. ۽ چيو انهيءَ جو ڇٽي آيو هئو انهن ٻنهي مان ۽ ياد ڪيائين

۽ جيڪو ٻنهي مان ڇٽو هو ۽ گهڻي مدت کان پوءِ ياد آيس تنهن چيو ته، آن جي تعبير جي آءٌ

بَعْدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمْ بِتَاْوِيْلِهٖ فَاَرْسِلُوْنِ ﴿٤٥﴾ يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ

مدت کان پوءِ ته آءٌ ٻڌائيندس توهان کي انهيءَ جو تعبير پوءِ موڪليو مون کي. اي يوسف! اي سچا

توهان کي سُڌ ڏيندس پوءِ مون کي موڪليو. (پوءِ قيد خاني ڏانهن ويو چيائين ته) اي سچار يوسف!

اَفْتِنَا فِيْ سَبْعِ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعِ

فتويٰ ڏي اسان کي ستن ڳئن تلهين جي کائن ٿيون جنکي ست ڏٻريون ۽ ست

ستن سهرين ڳئن بابت جن کي ستن ڏٻرين کاڌو ۽ ستن ساون سنگن

سُنْبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ ۙ لَّعَلِّيْۤ اَرْجِعُ اِلَى النَّاسِ

سنگ ساوا ۽ ٻيا سُڪا جيئن آءٌ موٽي وڃان ماڻهن ڏانهن

۽ ٻين (ستن) سڪن بابت (تعبير) ٻڌاءِ، ته جيڪر آءٌ ماڻهن ڏانهن موٽان ته

لَعَلَّهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٦﴾ قَالَ تَزْرَعُوْنَ سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ فَمَا

جيئن اهي معلوم ڪن. فرمايائين پوک ڪندؤ ست سال ساندهه پوءِ جيڪو

مَن اهي ڄاڻن. (يوسف) چيو ته ست ورهيه سانده پوک ڪندا رهو، پوءِ جيڪي فصل لڻو (تنهن مان جيڪي کائو

حَصَدْتُّمْ فَذَرُوْهُ فِيْ سُنْبُلِهٖۤ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ ﴿٤٧﴾ ثُمَّ

لاباروڪريو ته ڇڏيو انهيءَ کي پنهنجي سنگ ۾ مگر ٿورو جيڪو توهان کائو. پوءِ

تنهن کان سواءِ ٻيو) سڀ سندس سنگن ۾ رکي ڇڏيو. انهن ٿورن کان سواءِ جيڪي اوهين کائو. وري

يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ شِدَادٌ يَّاْكُلْنَ مَا قَدَّمْتُمْ

ايندا انهيءَ کان بعد ست سال سخت اهي کائي ويندا ان کي جيڪي توهان رکيو هئو

ان کان پوءِ ست سال سخت (ڏڪار) جا ايندا، انهن لاءِ جيڪي (اَن) اڳي رکي ڇڏيو هوندو سو

لَهُنَّ إِلَّا قَلِيلًا مِّمَّا تُحْصِنُونَ ﴿٤٨﴾ ثُمَّ يَأْتِي مِن بَعْدِ ذَٰلِكَ
انھن لاءِ مگر ٿورو ان مان جنھن کي سنڀالي رکندؤ. پوءِ ايندو انھيءَ کان بعد
جيڪي بچائي رکندؤ تنھن مان ٿورڙي کان سواءِ (ھيو سڀ) کائيندا. وري اُن کان پوءِ اھڙو سال ايندو

عَامٌ فِيهِ يُغَاثُ النَّاسُ وَفِيهِ يَعْصِرُونَ ﴿٤٩﴾ وَقَالَ الْمَلِكُ ع ٧/١٦
ھڪ سال جنھن ۾ مينھن وسندو ماڻھن تي ۽ ان ۾ ھي رس نپوڙيندا. ۽ چيو بادشاھ
جنھن ۾ ماڻھن تي مينھن وسايا ويندا ۽ ملجھس (ڏاک وغيره) نپوڙيندا. ۽ بادشاھ چيو ته

ائْتُونِي بِهِ ۖ فَلَمَّا جَاءَهُ الرَّسُولُ قَالَ ارْجِعْ إِلَىٰ رَبِّكَ
وٺي اچو مون وٽ انھيءَ کي، پوءِ جڏھن آيو ان وٽ قاصد چيائين موٽي وڃ پنھنجي مالڪ ڏانھن
يوسف مون وٽ آڻيو! پوءِ جنھن مھل وٽس قاصد آيو (تنھن مھل يوسف) چيو ته پنھنجي بادشاھ ڏانھن موٽ!

فَاسْأَلْهُ مَا بَالُ النِّسْوَةِ اللَّاتِي قَطَّعْنَ أَيْدِيَهُنَّ ۚ إِنَّ
پوءِ پڇا ڪرينس ته ڪھڙو حال آھي انھن عورتن جو جن ڪپيا ھئا ھٿ پنھنجا، بيشڪ
پوءِ کانئس پڇ ته انھن زائفن جو ڪھڙو حال ھو جن پنھنجا ھٿ وڍيا؟ بيشڪ منھنجو پالڻھار سندن مڪر کي

رَبِّي بِكَيْدِهِنَّ عَلِيمٌ ﴿٥٠﴾ قَالَ مَا خَطْبُكُنَّ إِذْ رَاوَدتُّنَّ يُوسُفَ
منھنجو رب انھن جي مڪر کي ڄاڻندڙ آھي. چيو بادشاھ ڪھڙي حقيقت آھي توھان جي جڏھن ڏٺاريو تي توھان يوسف کي
ڄاڻندڙ آھي. (بادشاھ عورتن کان) پڇيو ته اوھان جو ڇا حال ھو جڏھن يوسف کي سندس نفس کان راٺيو ٿي؟

عَن نَّفْسِهِ ۚ قُلْنَ حَاشَ لِلَّهِ مَا عَلِمْنَا عَلَيْهِ مِن سُوءٍ ۚ
سندس نفس کان، چيائون الله پاڪ آھي اسان نه ڄاتو سون ان تي ڪوئي عيب.
چيائون ته الله پاڪ آھي، ڪا بڇڙائي مٿس نه ڄاتي سون.

قَالَتِ امْرَأَتُ الْعَزِيزِ الْآنَ حَصْحَصَ الْحَقُّ أَنَا رَاوَدتُّهُ
چيو عزيز جي زال ھاڻي پڌري ٿي پئي سچي ڳالھ مون ٿي راٺيو ھوان کي
عزيز جي زال چيو ته، ھاڻي حق پڌرو ٿيو، مون ڪيس سندس نفس کان راٺڻ گھريو ھو

عَن نَّفْسِهِ وَإِنَّهُ لَمِنَ الصَّادِقِينَ ﴿٥١﴾ ذَٰلِكَ لِيَعْلَمَ أَنِّي
سندس نفس کان ۽ بيشڪ اھو سچن مان آھي. اھو ان لاءِ جو سمجھي ته مون
۽ اھو بيشڪ سچن مان آھي. (يوسف چيو ته) اِھو ھن لاءِ ھو ته (عزيز) ڄاڻي ته مون

لَمْ أَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَأَنَّ اللَّهَ لَا يَهْدِي كَيْدَ الْخَائِنِينَ ﴿٥٢﴾
نه خيانت ڪئي ھئي انھيءَ سان پرپٺ ۽ بيشڪ الله نه ٿو ھلائي فريب دغابازن جو.
پرپٺ سندس خيانت نه ڪئي ھئي ۽ الله خيانت ڪندڙن جو فريب پورو ٿيڻ نه ڏيندو آھي.

